# ڪميونسٽ
# پڌرنامو

ڪارل مارڪس - فريڊرڪ اينگلس

Gul Hayat Institute

ابتدا

رسول بخش پليجو

# ڪميونسٽ پڌرنامو

ڪارل مارڪس - فريڊرڪ اينگلس

ابتدا

رسول بخش پليجو

Gul Hayat Institute

روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو

١٩٨٧ع

چپائیندڙ: ادارو
چپيندڙ: فردوس پرنٽنگ پريس
ڪراچي
ڪاپيون: هڪ هزار
ڇپائيءَ جو سال: ١٩٨٧ع
قيمت: پندرنهن روپيه

Gul Hayat Institute

# مهاڳ

اسين ماڻهو چوطرف سونجهارن ۽ مسئلن ۾ گهيريل آهيون. جهڙوڪ: مهانگائي، ڏڪار، ڌارين جي ڦرلٽ ۽ غلامي، پنهنجن جي ڦرلٽ ۽ غلامي، هڪٻئي کان نفرت، ڌاريائي، ساڙ، گذر جي تنگي، بي علمي، بيماري، ۽ سماجي تعصب، گهٽ وڌايون ۽ بڇڙيون ۽ ظالم ريتون رسمون وغيره.

دنيا جي ٻين قومن ۽ ملڪن جا ماڻهو به انهن گهڻين ۽ مصيبتن کان بنهه آجا ڪونهن. ڪي ٿوري ويل ۾ آهن ته ڪي گهڻي ۾. تاريخ پڙهي ڏسجي ٿي ته اڳين زمانن ۾ ماڻهو، قومون ۽ عوام اڄ کان اڃا به وڌيڪ مصيبتن ۾ مبتلا هئا.

ڪي ماڻهو چون ٿا ته 'اهو اسان جو مقدر آهي. اتفاق سان ڪنهن جو ڪو بخت وري پوي يا ڪنهن ڀلاري جي دعا سان ڪا ڪرامت ٿي پوي ته ٻي ڳالهه آهي، نه ته انسان ويچاري جو مقدر ئي ڏک آهي.' اهڙين دعائن ۽ ڪرامتن جي برڪت سان ماڻهن تان مصيبتن لهڻ، سندن بختن ورڻ جا سوين، هزارين، لکين قصا ۽ ڪهاڻيون مشهور آهن.

ڪي ماڻهو دعائن ۽ ڪرامتن بدران وري پنهنجي ذاتي ڪوشش تي ڀاڙين ٿا. هو پنهنجي محنت، اٽڪل، چالاڪي ۽ ڪن ڪن حالتن ۾ ته ٺڳي، دغا، دولاب،

Gul Hayat Institute

۽ محدود معنيٰ ۾ انساني ڪرامتون سڏجي ته وڌاءُ نه ٿيندو.

پيرن ۽ ولين جي ڪرامتن جا قصا ۽ داستان تاريخ جي هر دور ۽ هر زماني ۾ مشهور رهيا آهن. سنڌ جهڙا درويشن جا ديس ته خدا جي فضل ۽ ڪرم سان هر شهر، هر ڳوٺ ۽ هر پاڙي ۾ پنهنجو پنهنجو الڳ ڪاني ڪرامت جو صاحب رکن ٿا. انهن جي برڪتن ۽ ڀلاين، ڪانين ۽ ڪرامتن جو ڀلارو قصو تمام ڊگهو ۽ اڻ ڪٿ آهي. انهن ڪرامتن سان ٽڪر هڻڻ جي ڪوشش ڪير ڪري!

پر جيڪڏهن روحاني ۽ غيبي قوتن جي طاقت جي ڪرشمي کي هڪ طرف پاسيرو ڪري عقيدي ۽ مذهب جي ڳالهه کي پنهنجي جاء تي رکي، دنيا تي نظر وجهبي ته پوء انصاف روء اها ڳالهه قبول ڪرڻي پوندي ته سائنسدانن جي عقل، عمل ۽ تجربي جي کوجنائن هن دنيا ۾ جيڪي تبديليون آنديون آهن سي ڪنهن به وليءَ، پير يا فقير جي ڪرامتن کان گهٽ ناهن. دنيا جي سيني مذهبن وارن پنهنجي پنهنجي مذهب ۽ عقيدي جي پيرن،فقيرن ۽ ولين جي ڪانين ڪرامت بابت جيڪي دعوائون ڪيون آهن، سي سڀ جيڪڏهن سچيون ڪري مڃجن ته به ڪي ڪي سائنسي کوجنائون ايڏيون ته حيرت انگيز آهن ۽ انهن جو اثر انسان ذات تي ايڏو ته اٿاهه پيو آهي جو

Gul Hayat Institute

انساني عقل جي انهن ايجادن، ڪراتن ۽ معجزن انسان کي هڪڙي ڪمزور، بي پهچ ۽ اڪين هوندي انڌي جانور مان ڦيرائي زمين ۽ آسمانن جو ۽ ذري ذري گهٽ فطرت جو مالڪ بنائي وڌو آهي. هي جو صوفي سڳورا چوندا آهن ته انسان خدا جو جلوو آهي. هر اوست 'سڀ ۾ پنهون پاڻ آهي، ڪونهي پيو ٻروچ ري.' يا هي جو سچل سائين چيو آهي ته 'الله الله چو ڪرين پاڻ ئي الله چاڻ.' آهي عقيدا جيڪڏهن ڪڏهن به سچا ثابت ٿي سگهن ٿا ۽ جيتري به حد تائين ثابت ٿي سگهن ٿا ته اهي اڄ ان حد تائين چڙ ته اسان جي اکين اڳيان ثابت پيا ٿين، اڄوڪو انسان چڙ ته سچ پچ 'پنهون پاڻ' ٿي ويو آهي.

اڄ مجموعي طرح انسان کي جيڪا چاڻ آهي، وٽس جيڪو هنر، فن ۽ تجربو آهي، منجهس جيڪي ڳولا، جاچ، تخليق، کوجنا ۽ ايجاد ڪرڻ جون صلاحيتون پيدا ٿي چڪيون آهن، تن جي زور تي هو اڄوڪي انسان ذات جو هرهڪ مسئلو ۽ سڀ فوري مشڪلاتون دور ڪري سگهي ٿو. انهن صلاحيتن جي هوندي، ڪنهن هڪڙي به ماڻهوءَ جو هن ڌرتيءَ جي ٽڪري تي هڪڙو به ڏينهن بکيو رهڻ، بيمار رهڻ، اجهي ۽ لٽي بنا رهڻ، خوف ۽ دهشت جو شڪار هجڻ، اڻڄاڻائي، جهالت ۽ تعصب ۾ گرفتار هجڻ، هرگز هرگز لازم ناهي. اڄ انساني ذهن جي برڪتن ۽

تخليقن سبب ھيءَ ڌرتي پنھنجي ھر ٻٽ ۽ ھر ڏيءَ، ھر ٻار ۽ ھر ٻڍي جي سمورين جائز گھرجن جي پورائي ڪري سگھي ٿي، اڄ انسان ذات ان منزل تي پھچي ويئي آھي، جتي سنڌس صدين جون تمنائون ۽ ھزارين سالن جا خواب پورا ٿي سگھن ٿا. شاعرن، اديبن، فيلسوفن ۽ ٻين سمورن نيڪ نيت انسانن، انسانن جي ڀلائي، بھبودي ۽ ترقي جا جيڪي خيالي ٻيٽ ۽ تصوراتي جنتون پنھنجي ذھنن ۾ خلقيون ھيون، اھي سڀ ڪنھن نہ ڪنھن روپ ۾ حقيقت جو روپ اختيار ڪري سگھن ٿيون.

پر اڄ ھن ڌرتيءَ تي ھزارين سال جيئڻ ۽ مرڻ، مرڻ ۽ جيئڻ، پورھيا ڪرڻ، سوچڻ، سمجھڻ، ڳولڻ، خلقڻ کان پوءِ بہ انسان ٿلھي ليکي جتي تہ اتي ئي آھي جتي ھو ھزارين سال اڳ ھو. اڄ بہ ڌرتيءَ جي وڏي اڪثريت بکي آھي، بيمار آھي، اڻ پڙھيل آھي، غلام آھي. وھمن، وسوسن، انديشن، تعصبن ۽ نفرتن جو شڪار آھي. اڄ بہ فطرت ۽ ھن ڌرتيءَ جون نوانوي سيڪڙو قوتون، طاقتون ۽ وسيلا يا تہ ڪنھن بہ ڪم ۾ نٿيون اچن يا تہ انھن جو ڪجھ حصو زيان ٿي وڃي ٿو. ڪن حالتن ۾ تہ انھن قوتن، طاقتن ۽ وسيلن جو وڏو حصو الٽو انسان ذات جي وڏي گھڻائيءَ خلاف استعمال ٿئي ٿو. انساني عقل جا بھترين ۽ حيرت ۾ وجھندڙ ڪرشما جھڙوڪ: ايٽمي طاقت جو راز ھٿ اچڻ

وغيره، جن تي انسان کي ناز هئڻ گهرجي ۽ جيڪي انسان ذات جي ابدي ڇوٽڪاري ۽ نجات جا وسيلا ٿي سگهن ٿا ۽ سندس صدين ۽ هزارين سالن جون ڪسرون پوريون ڪري سگهن ٿا، سي عام انسان لاءِ ڀري هيبت ناڪ ويري ۽ دشمن نهي پيا آهن.

سيٺي سيلهه ٿيام، پڙهيام جي پاڻان!' ڇو؟ ڪي چون ٿا ته 'مصيبتون، ڏک ۽ ناڪاميون انسان جو مقدر آهي. انسان ڪئي ڇا ڪري ته به پنهنجي انهي مقدر کان بچي نٿو سگهي.' سهڻي لطيف سائين جي انهيءَ عقيدي کي هنن لفظن سان بيان ڪيو آهي:-

ٽوڻي هلين ٽڪرو، ٽوڻي هلين وڪ
ته به لکئي منجهان لِڪَ، ذرو ضايع نه ٿئي!

ڪن جو چوڻ آهي ته 'درحقيقت انسان کي هن ڌرتيءَ تي خوش رهڻ جي ضرورت ئي ناهي. هيءَ ڌرتي ته ٽڪ ٽڪڻ جي جڳهه آهي. سراءِ ۽ مسافرخانو آهي. هتي خوش رهي ڇا ڪبو؟ خوش رهڻ جي منزل ته اڳتي آهي، جتي ابديت آهي، بقا آهي. فنا سان ڪهڙيون مائٽيون ۽ ڪهڙا لاڳاپا؟'

انسان ذات جي هاڻوڪي ذليل بدقسمتي ۽ مصيبت جي سمجهاڻي ڪئي ڪهڙي، ذجي پر انسان ذات يا گهٽ ۾ گهٽ ان جي وڏي ۾ وڏي گهڻائي هوندي سوندي ويل ۽ عذاب ۾ آهي، انهيءَ ڳالهه ۾ ڪوبه

شڪ ڪونهي. ائين ٿو لڳي ڄڻ انسان ذات کي صدين کان ڪو ڳجهو ۽ دائمي مرض لڳل آهي، جنهن مان سندس جند ئي نٿي ڇٽي. ان موذي مرض جو ذڪر مون هڪڙي ٻئي ڪتاب * ۾ هن ريت ڪيو آهي:

"موري انسان ذات کي روز ازل کان وٺي هڪڙو موذي مرض لڳل آهي. جنهن سبب انسان ذات ڄڻ ڄائي ڄم کان لولي، لنگڙي ۽ جڏي ٿي پيئي آهي.

عام انسانن جي حياتي زهر آهي. هو ڄڻ ته جيئري ئي مئا پيا آهن. اهو مرض آهي، اهو بي انصافيءَ ۽ ظلم وارو سماجي چرخو. جنهن ۾ خان ڪڻن ۽ ڪوليرا کائين ٿا.

هر دؤر ۽ هر زماني ۾ هڪڙي پاسي لکين ڪروڙين انسان پورهيو ڪندا، اَن اپائيندا، ڪتيندا، ڪمائيندا ۽ ناهيندا جوڙيندا رهيا آهن ۽ ان هوندي به سدائين بکيا، ڏکيا، هيڻا، اپوجهه، اڻ ڄاڻ، بي زبان، بيوس، ماريل، پيڙهيل، هيسيل ۽ دٻيل رهندا آيا آهن ته ٻئي پاسي هر دؤر ۾ ڪي آڱرين ۾ ڳڻڻ جيترا تمام ٿورڙا ماڻهو ئي اهي ڪروڙن ماڻهن جي ڪيتي ڪمائي، ظلم، زبردستيءَ ٺڳيءَ ۽ دولاب سان کائيندي کسيو وٺن. ان مان هڪڙو پاڻ ڄاوا ڪن ٿا ۽ پيو پنهنجن ڇاڙتن کي پالين ۽

---

*پڙهجو رسول بخش پليجي جي لکيل ڪتاب "لينن" جو پهريون باب.

ڪميونسٽ پڌرنامي انساني تاريخ جي رنگين، ڊرامائي ۽ حيرت انگيز داستان جي سڀ کان رنگين، ڊرامائي ۽ حيرت انگيز باب جي جڙ ته بسم الله ڪئي.

ان کان پوءِ انسانن جي گڏجي تقدير بدلائڻ بابت عظيم الشان ۽ لافاني تخليقون ڪيون ويون آهن، شعر، ناول، ڊراما، ڪهاڻيون لکيون ويون آهن، انقلابي اقتصاديات، سياست، جنگ، جدوجهد، اڏاوت، اخلاقيات ۽ ٻين ڪيترن زندگيءَ جي شعبن بابت شاندار ايجادون، کوجنائون ۽ تخليقون پيش ٿيون آهن، ٿين پيون ۽ ٿينديون رهنديون، پر اهڙي ڪابہ تخليق، تصنيف يا سماجي کوجنا ڪانهي، جنهن جي راهه يا ڏس پتو ڪنهن نہ ڪنهن نموني ڪميونسٽ پڌرنامي ۾ نہ ڏنل هجي.

انساني عقل، انساني عمل جي پيداوار آهي پر جڏهن عمل مان عقل نهي پوي ٿو ۽ اهو عوام جي ذهن ۾ گهر ڪري وڃي ٿو تڏهن اهو عقل خود عوام جو هٿيار بڻجيو وڃي، سندن عمل جي ڪايا پلٽيو ڇڏي ۽ سندن زندگين ۾ انقلاب آڻيو ڇڏي. اهڙي طرح عقل ڦريو عوامي عمل ٿيو پوي. دنيا ۾ انساني هٿن جو لکيل اڄ تائين ڪوبہ اهڙو ڪتاب ڪونهي، جنهن جي ڏسيل عقل انسان ذات جي گڏيل تقدير تي ڪميونسٽ پڌرنامي کان وڌيڪ اثر وڌو هجي ۽ ان ۾ انقلاب آندو هجي.

Gul Hayat Institute

۽ سوچ جي طاقتور وهڪرن کان اهڙا اڻ واقف نہ هجون جو ماڻهو پيا انهن بابت ڄاڻ ۾ ڳالهائين ، بحث مباحثا ڪن ۽ هڪٻئي جا متا ڦاڙين ۽ اسين وات ڦاڙيو بيٺا هجون ۽ ويٺا سوچيون تہ 'هي الائي ڪنهن جي باراو پٺي لٿجي!'

هيستائين اُنهن ٿيندو آيو آهي. هاڻي ائين نہ ٿيڻ کپي، سنڌي قوم وڏيڪ وقت اڻڄاڻ، جاهل ۽ ذهني طرح بي هتيار رهڻ جو جوکم کڻي نٿي سگهي.

هيڙا ڪتاب سنڌي ۾ ترجمو ڪرڻ جو بنيادي سبب ۽ مقصد اهوئي آهي.

بچاڙيءَ ۾ باقي هڪڙي ڳالهہ.

هي ڪتاب سوا سؤ سال اڳ يورپ ۾ ۽ گهڻي قدر يورپ بابت لکيو ويو هو. ان وقت يورپ سماجي ترقيءَ جي واڌاري جي ان منزل تي هو، جنهن منزل تي پهچڻ لاءِ عام حالتن ۾ اسان کي سؤ سوا سؤ سال پيا بہ کپن، اسان جو ملڪ اڃا قبائلي سردارن ۽ وڏيرن جي راڄ واري دور ۾ قائل آهي. هي ڪتاب ان کان اڳتي جي يعني سرمائيدارن جي راڄ جي ڳالهہ ٿو ڪري. عام حالتن ۾ قبائلي سردارن، وڏيرن ۽ زميندارن جي راڄ کان پوءِ لازمي طرح سرمائيدارن جي راڄ جو دور اچڻو آهي. عام حالتن ۾ * اسان جي

---

* عام حالتن ۾ انهيءَ ڪري ٿا چئون جو اڄوڪي دور جي خاص حالتن ۾ جڏهن هزارين سالن جي جدوجهد کان پوءِ دنيا ۾ ڦورن ۽ ڦرجندڙن، ظالمن

سرمائيداري نظام سان ڪجهه نه ڪجهه واسطو آهي ۽ ڪاني وقت پهنڊو ان ڪري انسان لاءِ ان جي ڄاڻ لازمي آهي. وڏيري ڪي نظام جي ڪک مان سرمائيداري نظام ڪيئن ٿو پيدا ٿئي، ڇو ٿو پيدا ٿئي، ڪهڙو طبقو دائي بڻجي ان ڪي ڇڏائي ٿو؟ اهو نظام ڪهڙا رنگ، ڏو ڪري، ان جو پس پيش انت ڪهڙو ايندو، ڪير آئيندو، ڇو آئيندو؟ انهن سوالن جا جواب هر سمجهو ماڻهو ۽ خاص ڪري مظلوم قوم جي هر وطن دوست لاءِ ڄاڻڻ ضروري آهي.

چو ته پڙهندڙ کين خبر پوندي ته سنڌس قوم جا حاڪم طبقا سنڌي قوم کي جنهن آئيندي طرف ڪاهيندا وڃن سو آئيندو حقيقت ۾ ڪهڙو آهي ۽ ان کان بچڻ ۽ ان کي بدلائڻ لاءِ عوام کي ڇا ڪرڻ گهرجي. اهي سڀ خبرون هن ڪتاب مان معلوم ٿينديون.

رسول بخش پليجو

Gul Hayat Institute

# کمیونسټ پټرنــــامو

مارکس او اینجلس

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# مهاڳ

## (١٨٨٨ع واري انگريزي ڇاپي جو)

هي پڌرنامو يورپائين پورهيتن جي هڪ جماعت "ڪميونسٽ ليگ" پاران شايع ڪيو ويو. اها جماعت اول رڳو هڪڙي ملڪ جرمنيءَ تائين محدود هئي. پوءِ اڳتي هلي اها بين الاقوامي بنجي ويئي، يعني دنيا جي گهڻن ملڪن تائين ڦهلجي ويئي.

١٨٤٨ع کان اڳ يورپ کنڊ جون جيڪي سياسي حالتون هيون، تن جي ڪري اها جماعت لاچار ڳجهه ڳجهه ۾ ڪم ڪندي هئي. ١٨٤٧ع ۾ انهي ليگ جي عيوضين جي هڪڙي ڪانفرنس لنڊن ۾ ٿي. ڪانفرنس مارڪس ۽ اينجلس تي ڪم رکيو ته 'هو ليگ پاران هڪ مڪمل نظرياتي ۽ عملي پارٽي پروگرام جوڙي ڇپائڻ لاءِ تيار ڪن.' هن جنوري ١٨٤٨ع ۾ هن پڌرنامي جو اصل مسود و جرمن ٻوليءَ ۾ لکي تيار ڪيو. اهو ٢٤ فبروري ١٨٤٨ع واري فرينچ انقلاب کان ڪجهه هفتا اڳ ڇپائيءَ لاءِ لنڊن موڪليو ويو. ان جو فرينچ ترجمو جون ١٨٤٨ع واري (فرينچ انقلابي) بغاوت کان ٿورو اڳ پئرس مان شايع ڪيو

Gul Hayat Institute

ويو. مس هيلن ميڪ فرلين پنڌرنامي جو پهريون انگريزي ترجمو ڪيو. اهو جارج جولين هارني جي اداري ”ريڊ ريپبليڪن“ لنڊن ۱۸۵۰ع ۾ شايع ڪيو. ان بعد ستت ئي ان جا ڊئنش ۽ پولش ٻولين ۾ ترجما به شايع ٿي ويا.

جون ۱۸۴۸ع ۾ پئرس بغاوت ٿي. اها ناڪام ٿي. اها بغاوت پورهيتن (پرولتاري *Proletriat*) ۽ سرمائيدارن (بورجوا *Borgeoise*) جي وچ ۾ پهرين وڏي لڙائي هئي. ان جي ناڪام ٿيڻ ڪري يورپ جي پورهيت طبقي جون سماجي ۽ سياسي امنگون ڪجهه وقت لاءِ دٻجي مايوس ٿي ويون. ان ڪان پوءِ (فرانس ۾) وري به فيبروري واري انقلاب کان اڳ واري زماني وانگر زکيو ملڪيت وارن طبقن جا ڌار ڌار ٽولا پاڻ ۾ ئي اقتدار لاءِ چڪتاڻ ڪندا رهيا. (فرينچ) پورهيت هائي وڌ ۾ وڌ اهو ٿي ڪري سگهيا ته جيئن تيئن ڪري فرانس جي سياسي اسٽيج جي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ بيهڻ لاءِ ٿوري جڳهه هٿ ڪن. ان مقصد لاءِ ڪين لاچار غير انقلابي وچين طبقي جو هڪ جوشيلو حصو بڻجي رهڻو پيو. عوام دشمن جتي به ڏنو ٿي ته پورهيتن جي آزاد هلچل ۾ اجا به ڪجهه ساهه پساهه آهي ته اتي ان کي هڪدم ڪچلي ٿي ڇڏيائون. اهڙيءَ ريت (ان وقت جي مکيه جرمن سرڪار) جي پوليس، ڪميونسٽ ليگ جي مرڪزي بورڊ کي جو

ان وقت ڪلون شهر ۾ هو، تنهن ڪــي گولي هٿ ڪيو، بورڊ جي ميمبرن کي گرفتار ڪيو ويو. ڪين ارڙهن مهينا بي دريافت نظر بند رکيو ويو. تنهن کان پوءِ متن آڪٽوبر ۱۸۵۲ع ۾ مقدمو هلايو ويو. اهــو مشهور "ڪلون وارو ڪميونسٽ ڪيس" ۴- آڪٽوبر کان ۱۲ نومبر تائين هليو. ستن ڄڻن کي ٽن کان ڇهن سالن جي جيل جي سزا ڏيئي هڪ قلعي ۾ بند ڪيو ويو. سزا کان پوءِ ستت ئي باقي رهيل ميمبرن ليگ کي ٽوڙي ڇڏيو. هاڻ ائين پئي لڳو ته "ڪميونسٽ پڌرنامو" ويسر جي وهڪري ۾ لڙهي غرق ٿي ويندو.

جڏهين يورپ جي پورهيت طبقي ساهه پٽيو، حاڪم طبقي تي ٻيهر حملي ڪرڻ لاءِ سگهه سهيڙي ورتي، تڏهين "پورهيتن جي بين الاقوامي جماعت" اسري پئي. پر هيءَ جماعت نهي ٿي رکيو يورپ ۽ آمريڪا جي جانباز پورهيتن کي هڪ جاءِ ڪٺي ڪرڻ لاءِ هئي. تنهن ڪري اها "ڪميونسٽ پڌرنامي" جي اصولن کي هڪدم هٿ ۾ ڪٿي نه سگهي. هن بين الاقوامي جماعت کي مجبوراً اهڙو ڪشادو پروگرام ڪٿو پيو جو ساگئي وقت انگريز ٽريڊ يونين وارن مزدورن فرانس، بيلجم، اٽلي ۽ اسپين ۾ پروڌن جي پورهيت پوئلڳن ۽ جرمني ۾ لاسيل جي پورهيت پوئلڳن کي قبول پوي. مارڪس اهڙي ڪشادي پروگرام جو

Gul Hayat Institute

اڳ ”بين الاقوامي“ سان ناتا ٽوڙي ڇڏيا هيا مي ۾ ان وقت هوريان هوريان ان حد تي پهتيون هيون جو سندن صدر گذريل سال سندن پاران سوانسي شهر ۾ ڪليو ڪلايو اعلان ڪيو ته ’اسان کي يورپي سوشلزم کان جيڪو ڌڪاءُ هو سو هاڻ لهي ويو آهي.

حقيقت ۾ ڪميونسٽ پڌرنامو سيني ملڪن جي پورهيتن ۾ ڪافي مقبوليت حاصل ڪري چڪو هو. اهڙي ريت خود، هي پڌرنامو وري ميدان ۾ آيو. اصل جرمن مسودو ۱۸۵۰ع کان وٺي ڪيترائي ڀيرا سٽزرلينڊ، انگلينڊ ۽ آمريڪا ۾ وري ڇپجي چڪو آهي. نيويارڪ ۾ ان جو انگريزي ترجمو ٿيو، جو ۱۸۷۲ع ۾ اتان جي هڪ هفتيوار رسالي ”ووڊهل اينڊ ڪلفلن“ ۾ ڇپيو. انگريزي تان وري فرينچ ۾ ترجمو ٿيو جو نيويارڪ جي هڪ فرينچ اخبار ”سوشلسٽ“ (*LeSccialistic*) ۾ ڇپيو. تڏهانڪر آمريڪا ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه وڌيڪ انگريزي ترجما ٿيا آهن. انهن مان هڪ وري انگلنڊ ۾ ڇپيو آهي. انهن انگريزي ترجمن ۾ ٿوري گهڻي ردوبدل ٿيل آهي. پهريون روسي ترجمو، باڪونن (*Bakounine*) ڪيو. اهو هرزن (*Herzen*) جي جنيوا واري اشاعتي اداري ڪولوڪل (*Kolokol*) جي آفيس مان، ۱۸۸۲ع ۾ شايع ڪيو ويو. ۱۸۸۵ع ۾ ڪوپن هيگ مان نئون ڊئنش ڇاپو نڪتو. ساڳي

ٿي سال نئون فرينچ ترجمو پئرس جي ”سوشلسٽ“ اخبار ۾ شايع ٿيو، جنهن تان اسپيني ترجمو تيار ڪري، ميڊرڊ مان ١٨٨٦ع ۾ پڌرو ڪيو ويو. جرمن ترجمن جو ته ڳاڻاٽو ئي ڪونهي. اهي گهٽ ۾ گهٽ ٻارهن آهن. پڌرنامي جو هڪڙو آرميني ڇاپو، ڪجهه وقت اڳ قسطنطنيه مان شايع ٿيڻو هو، پر ٿي نه سگهيو. ڇو ته ڇپائيندڙ اهو مارڪس جي نالي سان ڇپرائڻ لاءِ تيار نه هيو ۽ ترجمو ڪندڙ وري ان کي پنهنجو تخليق ڪري ڄاڻائڻ نٿي گهريو. ٻڌو اٿم ته اهو ٻين ٻولين ۾ به ترجمو ٿيو آهي، پر اهي ترجما ڏٺا ڪين اٿم. اهڙيءَ ريت هن پڌرنامي جي تاريخ ۾ اسان کي هن دور جي پورهيت هلچل جي تاريخ جي جهلڪ ملي ٿي. هن وقت بنا شڪ شبهي جي هيءُ پڌرنامو سوشلسٽ سياسي ادب جي سڀ کان وڌيڪ پکڙيل ۽ عام ٿيل ۽ سڀ کان وڏي بين الاقوامي تخليق آهي. اهو سائبيريا کان وٺي ڪئليفورنيا تائين سڄي دنيا جي ڪروڙين پورهيتن جو ميڙيل ۽ تسليم ڪيل پروگرام آهي.

ان هوندي به، جڏهن اهو پڌرنامو لکيو سون، تڏهن اسان ان کي ”سوشلسٽ پڌرنامو“ ڪوٺي نٿي سگهياسين.

١٨٤٧ع ڌاري اهڙن ماڻهن کي سوشلسٽ سڏبو

هو جيڪي سوشلزم بابت خيالي ۽ هوائي ڳالهيون سوچيندا هئا ۽ خيالي پلاءُ پچائيندا هئا: جهڙوڪ: انگليند ۾ اووين (*Owen*) جا پوئلڳ ۽ فرانس ۾ فوريئر (*Fourier*) جا پوئلڳ اهي ٻئي ٽولا گهڻي وڃي فرقن جي درجي تي پهتا هيا؛ پيو سوشلسٽ انهن قسمين قسمين سماجي ٽوٽڪاين ۽ نيم حڪيمن کي مڃيو هو، جيڪي اها هام هڻندا هئا ته فلاڻن ٽوٽڪن سان اسين سرمايي (*Capital*) ۽ نفعي (*Profit*) کي هٿ لائڻ کان سواءِ، سماج جا سڀ درد دور ڪري ڇڏينداسين. انهن ٻنهي قسمن جا ماڻهو پورهيتن جي هلچل کان ٻري هيا ۽ گهڻو تڻو پڙهيل طبقن ڏي مدد لاءِ پئي واجهايائون. ان ڪري پورهيتن جو اهو حصو جيڪو سمجهي ويو هو ته رڳو سياسي قسم جي انقلاب مان ڪجهه ڪونه ورندو ۽ جنهن اعلان ڪيو هو ته سڄي سماجي نظام کي مڪمل طرح بدلائڻ ضروري آهي، سو پاڻ کي ڪميونسٽ چوائڻ لڳو. سندن ڪميونسٽ نظريو اڻ گهڙيل، کهرو ۽ جذباتي قسم جو نظريو هيو. تنهن هوندي به اهو حقيقت کي ويجهو هيو ۽ پورهيت طبقي ۾ ايترو مقبول ۽ زور وارو هيو جو فرانس ۾ ڪئبيت (*Cabet*) ۽ جرمني ۾ ويٽلنگ (*Weitling*) جو خيالي ڪميونزم (*Utopian Communism*) پيدا ڪيائين. ان ڪري چئي سگهجي

تو تہ ۱۸۴۷ع ڌاري سوشلزم وچين طبقي جي هلچل هئي ۽ ڪميونزم پورهيتن جي هلچل. گهٽ ۾ گهٽ يورپ ۾ سوشلزم هڪ "باعزت" فلسفو هيو ۽ ڪميونزم ان جي بلڪل ابتڙ. جيئن تہ اسان جو تڏهن کان ئي اهو عقيدو آهي تہ "پورهيتن جو ڇوٽڪارو خود پورهيت طبقي جي هٿان ئي ٿي سگهي ٿو. ان ڪري ان ۾ ڪنهن شڪ يا مونجهاري جي گنجائش نہ رهي تہ انهن ٻنهي نالن مان اسان پنهنجي لاءِ ڪهڙو نالو چونڊيون (يعني ڪميونزم). اسان ڪي هيل تائين ڪڏهن بہ ان نالي مٽائڻ جو ڪو خيال-ئي نہ آيو آهي.

جيئن جو هي "پڌرنامو" اسان جي (مارڪس ۽ اينجلس) جي گڏيل تصنيف آهي، ان ڪري مان اهو ڄاڻائڻ ضروري ٿو سمجهان تہ ان جو بنيادي اصول، جيڪو سڄي پڌرنامي جو گهر يا تت آهي، سو مارڪس جو ئي تخليق ڪيل آهي. اهو اصول هي آهي.

هر تاريخي دور جي سياسي ۽ ذهني تاريخ جو دارو مدار ان دور جي هلندڙ اقتصادي پيداوار ۽ مٽا سٽا جي دستور، طريقي ۽ ان مان لازمي طرح پيدا ٿيل سماجي تنظيم تي هوندو آهي. انهن مان ئي ان دور

Gul Hayat Institute

جي سياسي ۽ ذهني تاريخ جي سمجهاڻي ملي ٿي. *

انهيءَ ڪري (جڏهن اوائلي قبائلي سماج، جنهن ۾ سڄي قبيلي جي گڏيل ملڪيت هوندي هئي، سو ختم ٿيو تڏهن کان وٺي) انسان ذات جي سموري تاريخ طبقاتي ويڙهه جي تاريخ ٿي رهي آهي. اها ويڙهه ڦريل (*Exploited*) ۽ ڦريندڙن (*Fxploiting*) حاڪم ۽ محڪوم طبقن جي وچ ۾ هميشه هلندي

---

* مطلب ته هر سماجي تنظيم لازمي طرح ڪنهن نه ڪنهن خاص اقتصادي پيداوار ۽ مٽا سٽا جي دستور ۽ ڍنگ مان پيدا ٿئي ٿي. ڌار ڌار تاريخي دورن ۾ اقتصادي پيداوار ۽ مٽا سٽا جا ڌار ڌار طريقا ۽ نمونا رائج هوندا آهن. جنهن دور ۾ پيداوار ۽ مٽا سٽا جو جهڙو طريقو ۽ نمونو رائج هوندو، تنهن ۾ بي سڄي سماجي تنظيم به اوس اهڙي ئي هوندي. ان دور جي سياست ۽ ذهني سوچ به وري اهڙي ئي هوندي، جهڙو پيداوار ۽ مٽا سٽا جو دستور ان دور ۾ رائج هوندو. جيڪڏهن ڪنهن دور جي سياسي ۽ ذهني تاريخ سمجهڻي هجي ته پهريائين ان دور جي اقتصادي پيداوار ۽ مٽا سٽا جي دستورن ۽ ڍنگن کي ۽ انهن مان پيدا ٿيل اقتصادي تنظيم کي سمجهڻ گهرجي نه ته اها سياسي ۽ ذهني تاريخ صحيح نموني سمجهه ۾ نه ايندي.

Gul Hayat Institute

رهي آهي: طبقيوار جنگين جي هيءَ تاريخ آهستي آهستي ڏاڪي بہ ڏاڪي وڌي هاڻ اهڙي ڏاڪي تي پهتي آهي، جنهن پيڙهيل ۽ محڪوم طبقو يعني پورهيت طبقو پيڙيندڙ ۽ حاڪم طبقي يعني سرمائيدار طبقي کان تيستائين ڇوٽڪارو حاصل نہ ڪري سگهندو، جيستائين اهو طبقو سان گڏ ئي وقت ۽ هميشہ لاءِ، سڄي سماج کي هر نموني جي ڦر ماريت، ڦرلٽ (*Explitation*) ظلم، طبقاتي گهٽ-وڌائي ۽ طبقاتي ڪشمڪش کان آزاد نٿو ڪرائي. منهنجي نظر ۾ انهيءَ نظريي جو تاريخ ۾ اهو درجو آهي جيڪو ڊارون (*Darwin*) جي ارتقا جي نظرئي، علم حيات (*Biology*) ۾ حاصل ڪيو آهي. اسين انهيءَ نظريي ڏانهن ١٨٤٥ع کان اڳ درجي بدرجي وڌي رهيا هئاسين. مان اڳ پنهنجي ليکي ان نظريي کي ڪيترو ويجهو پهتو هوس، سو منهنجي ڪتاب ”انگلنڊ ۾ مزدور طبقي جي حالت“ مان ظاهر آهي. پر جڏهن مان مارڪس سان پيهر ١٨٤٥ع جي بهار ۾ بروسيلز ۾ گڏيس تہ هن اهو نظريو اڳ ئي تيار ڪري ڇڏيو هيو ۽ مون آڏو اهڙن ئي چٽن لفظن ۾ ۽ صاف نموني پيش ڪيائين. جيئن مان هت پيش ڪري رهيو آهيان.

١٨٧٢ع واري جرمن ڇاپي لاءِ اسان ٻنهي جيڪو گڏيل مهاڳ لکيو هيو، ان مان هيٺيون ٽڪرو هت

Gul Hayat Institute

پيش ڪريان ٿو:

”گذريل ٢٥ سالن ۾ حالتن ۾ ڪٿي ڪيترو به ڦيرو آيو هجي، پر هن پڌرنامي ۾ ڄاڻايل عام اصول، سڄي جا سڄا، اڄ به اونروئي صحيح آهن. جيترو اڳ هيا. ڪٿي ڪي سنهيون سنهيون ڳالهيون سڌاري سگهجن ٿيون. انهن اصولن کي عملي طرح استعمال ڪيئن ڪجي؟ تنهن جو مدار هر جاءِ تي ۽ هر دور ۾، اتان جي تاريخي حالتن تي هوندو. اها ڳالهه خود پڌرنامي ۾ ڄاڻايل آهي. ان ڪري ئي ان جي ٻئي ڀاڱي جي پڇاڙيءَ ۾ تجويز ڪيل ”انقلابي ڪاروايون“ تي خاص زور نه ڏنو ويو آهي. اهو ٽڪرو، گهڻين ڳالهين ۾، اڄ بدليل لفظن ۾ لکي سگهجي ها. ١٨٤٨ع کان پوءِ اچوڪي صنعت ۾ جيڪا اٿاهه ترقي ٿي آهي، ۽ ان سان گڏ پورهيتن جي تنظيم ۾ جيڪو سڌارو ۽ واڌارو ٿيو آهي. اول فيبروري واري انقلاب ۽ پوءِ ان کان به سرس ”پئرس ڪميون“ (*Paris Commune*) جنهن ۾ تاريخ ۾ پهريون ڀيرو پورهيتن ٻن مهينن لاءِ حڪومت جون واڳون پنهنجي وس رکيون. انهن انقلابن اسان کي جيڪو عملي تجربو ڏنو، انهن سيني واقعن ۽ راين جي مدنظر هي پروگرام ڪن ڳالهين ۾ پراڻو ٿي چڪو آهي. ”پئرس ڪميون“ هڪ ڳالهه خاص طرح ثابت ڪئي، اها هيءَ آهي:

"پورهيت طبقو ڪنهن حڪومت جي نهيل نڪيل چرخي تي قبضو ڪري، ان کي پنهنجي مقصد لاءِ ڪم تتو آڻي سگهي" (ان لاءِ ڏسو مارڪس جو ڪتاب "فرانس ۾ گهرو لڙائي Civil War in France جنهن ۾ هن نڪتي جي وڌيڪ وضاحت ڪيل آهي) تنهن کان سواءِ ظاهر آهي ته ان (پڌرنامي) ۾ سوشلسٽ سياسي ادب تي جيڪا تنقيد ڪيل آهي سا موجوده حالتن ۾ اڻپوري آهي. ڇو ته اها رڳو ۱۸۴۷ع تائين ڪيل آهي ۽ ان کان پوءِ جي پيدا ٿيل ادب بابت ڪجهه نه چيل آهي.

ڪميونسٽن جا ٻين مخالف پارٽين سان ناتا ڪهڙا آهن؟ تنهن بابت رايا به (باب ۴) جيتوڻيڪ اصولي طور اڃا برابر ۽ صحيح آهن، پر عمل جي لحاظ کان اهي به پراڻا ٿي ويا آهن، ڇاڪاڻ ته سياسي حالتون صفا ڦري ويون آهن. ٻيو ته جن سياسي تحريڪن جو پڌرنامي ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي، تن جي گهڻي حصي کي تاريخ جي ترقيءَ ميساري ختم ڪري ڇڏيو آهي. پر هينئر، هي پڌرنامو هڪ تاريخي دستاويز ٿي چڪو آهي، جنهن ۾ ڪنهن به ڦير ڦار ڪرڻ جو اسان کي ڪوبه حق ناهي."

هي انگريزي ترجمو جناب سيميوئل مور* (Moore)

---

* جنهن تان هي سنڌي ترجمو تيار ڪيو ويو آهي.

Gul Hayat Institute

(*Samuel*) جو ڪيل آهي. جنهن مارڪس جي "سرمائي" (*Capital*) جو به ڪجھ حصو ترجمو ڪيو آهي. مون ۽ مارڪس گڏجي ان (ترجمي) جي نظر ثاني ڪئي آهي ۽ مون ان ۾ ڪن تاريخي اشارن جون سمجھاڻيون به ڏنيون آهن.

لنڊن
٣٠ جنوري ١٨٨٨ع

**فريڊرڪ اينجلس.**

Gul Hayat Institute

# ڪميونسٽ پارٽيءَ جو
# پڌرنامو

يورپ مٿان هڪ ڀوت پيو لامارا ڏئي. اهو آهي ڪميونزم جو ڀوت. پراڻي يورپ جي سڀني طاقتن جهڙوڪ: ميٽرنچ ۽ گيزو، * فرينچ باغي سڌارڪن (Radicals) ۽ جرمن پوليس جي جاسوسن، گڏ ٿي، ان ڀوت کي تڙي ڪڍڻ لاءِ پاڻ ۾ هڪ "مقدس معاهدو" ڪيو آهي.

آهي ڪا اهڙي مخالف پارٽي، جنهن کي سندس مخالف حڪمران پارٽيءَ ڪميونسٽ ڪري نه ننديو هجي؟ آهي ڪا اهڙي مخالف پارٽي جنهن پاڻ کان وڌيڪ اڳڀري مخالف پارٽيءَ تي توڙي پاڻ کان وڌيڪ مردار مخالف پارٽيءَ تي ڪميونزم جو ٺپو نه هنيو هجي؟

ان حقيقت مان ٻه نتيجا نڪرن ٿا:

(۱) يورپ جون سڀ طاقتون هينئر ئي ڪميونزم کي هڪ طاقت ڪري مڃين ٿيون.

---

* اهي ٻه مشهور سرمائيدار سياستدان هئا.

(٢) وقت آيو آهي جو ڪميونسٽ، کليو کلايو، سڄي دنيا آڏو، پنهنجا نظريا، پنهنجا مقصد ۽ پنهنجا لاڙا ظاهر ڪن، ۽ دشمن ڪميونزم جي باري ۾ جيڪي جنن ڀوتن وارا قصا بنائي مائهن کي ڊيڄارين پيا، تن جي مقابلي ۾ خود پنهنجي پارٽيءَ جو پڌرنامو شايع ڪن.

انهيءَ ڪري ڌارڌار قومن جي ڪميونسٽن لنڊن ۾ گڏ ٿي، هيٺيون پڌرنامو تيار ڪيو آهي، جو انگريزي، فرينچ، جرمن، اٽالين، فليش ۽ ڊئنش ٻولين ۾ شايع ڪيو ويندو.

Gul Hayat Institute

# سرمائيدار (بورجوا) ۽ پورهيت (پرولتاري) *

**Borgeois and Proletarains**

هن وقت تائين جيڪي به سماج وجود ۾ آيا آهن تن جي تاريخ ● حقيقت ۾ ڌار ڌار طبقن جي وچ ۾ هليل طبقيوار ڪشمڪش ۽ ويڙهه جي تاريخ آهي. سمورا پيڙيندڙ (*Opperesser*) ۽ پيڙيل (*Opperessed*) طبقا هميشه هڪ ٻئي خلاف وڙهندا رهيا آهن. جهڙوڪ:

---

* بورجوا مان مراد آهي هن دور جا اهي سرمائيدار، جي سماجي پيداوار جي ذريعن جا مالڪ آهن ۽ مزوري ۾ ٻين مزور رکن ٿا. پرولتاري مزوري ۾ تي ڪم ڪندڙ مزورن جو اهو طبقو آهي جن کي پيدائش جو پنهنجو ڪوبه ذريعو ناهي ۽ جيئري رهڻ لاءِ پنهنجي محنت واري سگهه وڪڻڻ تي مجبور ٿين ٿا.

● تاريخ مان مراد آهي سموري لکيل تاريخ ۱۸۴۷ع تائين. سماج جي آڳاٽي تاريخ جو احوال يعني لکيل (هلندڙ)

Gul Hayat Institute

هڪڙي پاسي آزاد ماڻهو ته ٻي پاسي ٻانها، هڪڙي پاسي امير ته ٻي پاسي غريب، هڪڙي پاسي جاگيردار ته ٻي پاسي غلام هاري، هڪڙي پاسي استاد ڪاريگر ته ٻئي پاسي سندن ٻالڪا، سندن وچ ۾ ويڙهه لڳاتار هلندي رهي آهي، ڪڏهن ڳجهي ته ڪڏهن پڌري، ان

---

- تاريخ کان اڳ جي دور واري سماجي جوڙ جڪ بابت احوال اڃا اڻ ڄاتل هو، هاڪسٿاسن (Hoxthausen) ڊيکلريو ته روس ۾ زمين تي گڏيل مالڪي هوندي هئي ۽ مارر (Maurer) ان کي اهڙي سماجي بيڙهه ثابت ڪيو، جنهن تان تاريخ جا سمورا تيوٽانڪ (Teutonic) نسل آسريا، پوءِ هوريان هوريان "ڳوٺاڻيون جماعتون" (VillageCommunities) ٿيون، جي هندستان کان آئرلينڊ تائين، جتي ڪٿي آڳاٽيون سماجي ايڪايون ٿي پيون، مارگن (Morgan) ذاتين ۽ سندن قبيلي سان لاڳاپي بابت زبردست ڪتاب لکي، ان اوائلي ڪميونسٽ سماج جي اندروني مفصل تنظيم کي کولي پڌرو ڪيو، انهن اوائلي جماعتن جي خاتمي کان پوءِ سماج موجوده مختلف طبقن ۾ ورهائجي ويو، خاتمي جي ان عمل کي مون پنهنجي ڪتاب "ڪٽنب، ذاتي ملڪيت ۽ حڪومت جي شروعات"

*TheOriginofthefamily,privatepropertyandthestate*

۾ پڌرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، (فريڊرڪ اينجلس)

Gul Hayat Institute

ويڙهه جي ڪري هر دفعي يا ته ڪڏهن سماج ٻڌهي ٽٽ پئي وري نئين انقلابي نموني ٻيهر اڏيو آهي يا وري ڪڏهن مقابلو ڪندڙ ٻنهي وڙهي ناس ٿي ويندا آهن.

تاريخ جي اوائلي دور ۾ اسان کي ذري گهٽ هر هنڌ، سماج منجهيل سنجهيل نموني ڌار ڌار درجن ۾ ورهايل نظر اچي ٿو. ان دور ۾ اسان کي سماجي رتبي جا اڪيچار هيٺانهان ۽ مٿانهان ڏاڪا نظر اچن ٿا. قديم روم ۾ اسان کي امير، ويڙهو سردار، مسڪين پورهيت ۽ ٻانها نظر اچن ٿا. وچين دور ۾ جاگيردار، وڏيرا، ڪاريگر، گهورڙيا، ٻالڪا، غلام ۽ راهڪ هاري ملن ٿا. انهن سڀني طبقن اندر هر هڪ ۾ گهڻو ڪري ٻيا هيٺانهان درجا ۽ ڏاڪا آهن.

هاڻوڪو سرمائيدار سماج، جو جاگيرداري ۽ وڏيرڪي (*Feudal*) سماج جي ڪنڊرن مان ڦٽي نڪتو آهي، سو به طبقيوار دشمنين کي ختم ڪري نه سگهيو آهي. ان فقط ايترو ڪيو آهي جو اڳين جي جاءِ تي نوان طبقا پيدا ڪيا اٿس، ڏرلت جون نيون حالتون پيدا ڪيون اٿس. جدوجهد جي پراڻن طريقن جي جاءِ تي نوان طريقا پيدا ڪيا اٿس. اسان جي دور يعني سرمائيداري دور جي هڪڙي خاصيت البت نرالي آهي. هن طبقاتي دشمنين کي وڌيڪ صاف ۽ سولو ڪري ڇڏيو آهي. سماج هوريان هوريان ٻن

وڏين مخالف ڌرين ۾، ٻن وڏن طبقن ۾ ورهائجي رهيو آهي. اهي مخالف ڌريون ۽ طبقا سنوان سدا هڪ ٻئي جي مخالفت ۾ ڪڙا ٿيا بيٺا آهن: اهي آهن، سرمائيدار ۽ پورهيت.

وچين دور جي غلام راهڪ هارين جي طبقي مان شروعاتي شهرن وارا پروانيدار شهري پيدا ٿيا ۽ انهن پروانيدار شهرين مان سرمائيدارن جو پهريون جزو اسريو. آمريڪا جي ليڇن ۽ "ڪئپ آف گڊ هوپ" واري رستي نڪرڻ ڪري اسرندڙ سرمائيدارن جي ڦهلاءَ لاءِ نئون ميدان تيار ٿيو. ولايتي مال جي کپت لاءِ اوير هندستان ۽ چين ۾ مارڪيٽن جي هٿ اچڻ، آمريڪا جي والارجڻ، ٻئڪن مان واپار ۽ سٽا سٽا جي وسيلن ۽ وڪري لاءِ تيار ٿيل مال ۾ عام واڌاري ٿيڻ، انهن سڀني گڏجي واپار، جهازراني ۽ صنعت کي اهڙو زور وڌرايو جو اڳ ڪو سوچي به نه سگهي ها. اهڙيءَ ريت جهرندڙ جاگيرداري سماج جي انقلابي جزن يعني اسرندڙ سرمائيدارن کي تمام تڪڙي واڌ ملي.

ڪارخانن جو جاگيرداري سرشتو، جنهن ۾ صنعتي پيداوار تي ڪاريگرن جي جماعت (*Guilds*) جي هٿ هٿي هوندي هئي، سو مال جي کپت جي نون مارڪيٽن جي وڌندڙ گهرن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪافي نه رهيو. ان ڪري ان جي جاءِ تي ڪارخانيداري

Gul Hayat Institute

(*Manufacturing*) سرشتو پيدا ٿيو. وچين طبقي جي
ڪارخاني وارن ۽ هنرَ استاد. ڪاريگرن (*GuildMasters*)
کي ڌڪي پاسيرو ڪري ڇڏيو.

ٻي طرف وري ڪاريگرن جي مختلف جماعتن پاڻ
۾ جيڪا ڌار ڌار ڪمن جي ورهاست ڪئي ٿي، تنهن
جي جاءِ وچين طبقي جي ڪارخانيدارن ورتي. جن هرهڪ
ڪارخاني اندر ڪم جي نئين ورڇ ڪري ڇڏي.

ان وچ ۾ مال جي کپت جا مارڪيٽ ۽ ڏيساور
وڌندا رهيا ۽ مال لاءِ گهُر به وڌندي رهي. هاڻ ته
خود ڪارخانا به ان کي منهن نه ٿي ڏيئي سگهيا.
ان ڪان پوءِ ٻاڦ (*Steam*) ۽ مشين، صنعتي پيداوار
۾ انقلاب آڻي ڇڏيا. ڪارخانن جي جاءِ هاٿوڪين وڏين
۽ گهڻين صنعتن ورتي ۽ وچين طبقي جي ڪارخانيدارن
جي گادي وري صنعتي ڪروڙ پتين ۽ صنعتي فوج جي
مهندارن يعني اڄ جي سرمائيدارن والاري.
Gul Hayat Institute

اهڙيءَ صنعت عالمي منڊيءَ (*World Market*)
کي جنم ڏنو، يعني سڄي دنيا کپت جي مارڪيٽ بنجي
ويئي. ان لاءِ آمريڪا جي ڳولها پهريون پيرو رستو
صاف ڪيو. سڄي جهان جيڏي مارڪيٽ واپار،
جهازراني ۽ خشڪي جي آمدورفت جي وسيلن ۾ به
زبردست واڌارو آندو آهي. انهن واڌارن وري موٽ ۾
صنعت ۾ به زبردست واڌارو آندو. جيئن جيئن واپار،

جهازرانيءَ ۽ ريلوائيءَ ۾ واڌارو آيو آهي، تيئن تيئن سرمائيدارن به اوتري ترقي ڪئي. هنن سرمايو(**Capital**) وڌايو ۽ وچولي زماني کان اسان جي زماني کي جيڪي طبقا ورثي ۾ مليا هئا، تن کي ڏڪي پوئتي هٽائي ڇڏيائون.

انهيءَ مان اسين ڏسي سگهون ٿا ته ڪيئن نه خود هاڻوڪو سرمائيدار طبقو ترقيءَ جي هڪ لمبي سلسلي جو ۽ پيداوار ۽ مٽا سٽا جي طريقن ۾ لڳاتار انقلابن جو پيدا ڪيل آهي.

سرمائيدار طبقي جيئن جيئن ترقي ڪئي، تيئن تيئن هو سياسي ميدان ۾ به اڳتي وڌيو. جاگيرداري سماج ۾ هو هڪ پيڙيل طبقو هيو. وچين دور جي آسرانڌڙ شهر يعني ( *Commune* ) * ۾ سرمائيدار هٿيار بند ۽ خودمختيار جماعت هئا؛ ڪٿي هو ”آزاد شهري رعيتي

---

* ڪميون فرانس ۾ انهن نون ايرانڌڙ شهرن کي تنهن وقت ڪوٺيو ويندو هيو، جڏهن هنن اڃا جاگيرداري نوابن سان سياسي حق حاصل ڪرڻ لاءِ جنگ جوٽي ”ٽين رياست“ ( *Third State* ) ڌاري مڪاني خود۔ حڪومت قائم نه ڪئي هئي. اٽلي ۽ فرانس ۾ جاگيردارن کان مڪاني خود حڪومت جي حق ماڻڻ بعد شهري جماعتن کي اهو نالو ڏنو ويو.

Gul Hayat Institute

راڄ" هئا (جيئن اٽلي ۽ جرمنيءَ ۾). ته ڪٿي هو بادشاهه جي ڏل پرينڊڙ ٽيون طبقو ( *Third State* ) هئا (جيئن فرانس ۾). ان بعد جڏهن ڪارخانيداريءَ باقائدي زور ورتو، تڏهن هو ڪٿي ڪنهن اڌ جاگيردار بادشاهه يا ڪٿي وري ڪنهن آپشاهه بادشاهه جا حامي ۽ پشت پناهه بنجي جاگيردارن ۽ اميرن جي مخالفت ڪندا هئا. حقيقت ۾ ان زماني ۾ جيڪي به وڏيون بادشاهيون قائم ٿيون، تن جا پيڙهه جا پٿر سرمائيدار ٿي هئا. آخرڪار، اڄوڪي صنعت ۽ سڄي جهان جي مارڪيٽ قائم ٿيڻ کان پوءِ، سرمائيدار طبقو، اڄوڪي چونڊيل حڪومت جو اڪيلو مالڪ بنجي ويو.

اڄوڪي حڪومت جي وزارت حقيقت ۾ رڳو سموري سرمائيدار طبقي جو عام ڪاروبار سنڀاليندڙ ۽ هلائيندڙ ڪميٽي آهي، پيو ڪجهه به ناهي.

۾ سرمائيدار طبقي، تاريخي خيال کان، هڪ تمام انقلابي پارٽ ۽ ڪردار ادا ڪيو آهي.

سرمائيدار طبقو جتي به طاقت ۾ آيو آهي، اتي ان جاگيردار،قبائلي ۽ راڄوٽي لاڳاپن کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. هن بي رحميءَ سان انهن رنگين جاگيرداري، ۽ وڏيرڪن سماجي ٻنڌڻن کي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو آهي، جن سان عام ماڻهو پنهنجي "قدرتي وڏن" سان ٻڌا پيا هوندا هئا. ان ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي وچ ۾

Gul Hayat Institute

سواءِ اُگھاڙي جُوڻ ۽ لالچ، بي رحمي ۽ "روڪڙي ڏيتي ليتي" جي ٻيو ڪوبہ لاڳاپو ڪونہ ڇڏيو آهي. اڳي ماڻهو جنهن مذهبي جوش، جذبي، سورهيائي جا شوقين ۽ ڪوڪاين همدردين جي جذبن پٺيان چريا هوندا هئا، انهن ڳالهين کي سرمائيدارن هٿي پنهنجي لالچ جي برف جهڙي ٿڌيل پاڻيءَ ۾ غرق ڪري ڇڏيو آهي.

هنن ذاتي قابليت کي هٿي بازار ۾ وٺڻ ۽ وڪڻڻ جهڙو مال بنائي ڇڏيو آهي. ڳڻتين اڻ ڳڻ ۽ مڃيل سچيل آزادين جي جاءِ تي هنن هڪڙي اڪيلي ناحقي آزادي ڪڙي ڪئي آهي. يعني آزاد واپار جي آزادي. مطلب تہ هيستائين جيڪا ڦرلٽ مذهبي ۽ سياسي وهم ۽ خوش فهمين جي پردي ۾ ٿيندي هئي، تنهن جي جاءِ تي هنن سڌي سنئين ۽ کلي کلائي بي حيا ۽ حيواني ڦرلٽ قائم ڪئي آهي.

هن ڪان اڳ ڪيترين ڪرتين ۽ ڌنڌن وارن ماڻهن کي ماڻهو عزت جي نظر سان ڏسندا هئا، سندن ادب ڪندا هئا، ڪانئن ڊڄندا هئا، پر سرمائيداري سندن اها عزت واري پڳ لاهي ڦٽي ڪري ڇڏي آهي. هن ڊاڪٽرن، وڪيلن، پادرين، شاعرن، سائنسدانن کي پنهنجو مزوريءَ تي ڪم ڪندڙ پورهيت(**_Wage Labour_**) بنائي ڇڏيو آهي.

سرمائيداريءَ گهر جي عيال ۽ ڪٽنب تان جذبات جو پردو لاهي ڇڏيو آهي ۽ رت جي مائٽيءَ کي هٿي

قائم رکن، پيداوار ۾ لاڳيتو انقلاب آڻيندو رهڻ سڄي سماجي حالتن ۾ لڳاتار هنگاما کڙا ڪندو رهڻ، اهي آهن، اهي ڳالهيون جن جي ڪري سرمائيداري دور تاريخ جي اڳين سمورن دورن کان يگانو ۽ نرالو آهي. اڳوڻا سڀ پختا ڪٽل ناتا، سڀ جمي برف ٿيل لاڳاپا پنهنجن پراڻن ۽ مان جوڳن تعصبن ۽ وهمن جي لشڪر سميت ڀاڄي ويا آهن. نوان ناتا اڃا نهي جڙي راس ٿي مس ٿين ٿا ته مدي خارج ٿيو وڃن ٿا. نهريون ۽ نوس ڳالهيون رڃي، ٻاڦ ٿي، غائب ٿيو وڃن. جيڪي به مقدس آهي سو ناپاڪ ٿيو وڃي. تان جو ماڻهو آخر مجبور ٿي وهمن ۽ خوابن جي دنيا مان نڪري پنهنجي زندگيءَ جي حقيقتن ۽ انساني ناتن کي سالم هوش حواس سان منهن ڏيڻ لڳي ٿو.

سرمائيدار کي پنهنجي پيداوار جي وڪري لاءِ هر وقت نون نون مارڪيٽن جي ڳولا ڪرڻي پوي ٿي. اها ڳولا کيس ساري ڌرتيءَ تي رلائي ۽ ڊوڙائي ٿي.

هن کي هر هنڌ آستانو ٻڌائڻو آهي. هر هنڌ ڪپ کوڙڻو آهي. هر هنڌ لاڳاپا رکڻا آهن.

سرمائيداري سڄي دنيا جي مارڪيٽ کي قري ٿي. انهيءَ جي وسيلي هن (*Production and Consumption*) هر ملڪ ۾ مال جي اپت ۽ کپت کي عالمي رنگ ڏنو آهي.

اڳي صنعت هر هنڌ قومي بنياد تي بيٺل هئي.

ڪيميا ڪي صنعت ۽ زراعت لاءِ ڪتب آندو ويو آهي. آگبوٽ، ريلوايون، ٽيليگراف ايجاد ٿيا آهن. سڄن سارن ڪندن کي صاف ڪري آباديءَ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي. درياهن مان واهه ڪڍيا ويا آهن. ڄڻ ڪنهن جادوءَ جي زور سان ڌرتيءَ جي پيٽ کي چيري وڏيون انساني آباديون پيدا ڪيون ويون آهن. اڳ ڪهڙي صديءَ جي خواب خيال ۾ به اها ڳالهه هئي ته سماجي پورهيي جي هنج ۾ اهڙيون زبردست پيداواري قوتون ستل هيون؟

انهيءَ مان اسين ڏسون ٿا ته پيداوار ۽ مٽا سٽا جي جن وسيلن تي سرمائيدار طبقي باڻ کي اڏيو هو، اهي وڏيرڪي ۽ جاگيرداري سماج ۾ جڙيا تپيا هئا. پيداوار ۽ مٽا سٽا جا اهي وسيلا وڌندي ويجهندي نيٺ ڪهڙي اهڙي ڏاڪي تي اچي پهتا، جتي ملڪيت جا وڏيرڪا ۽ جاگيرداري ناتا وڌيل ويجهيل پيداواري قوتن سان وڌيڪ وقت ٺهڪي نٿي سگهيا. جن حالتن ۾ وڏيرڪو ۽ جاگيرداري سماج اقتصادي پيداوار ۽ مٽا سٽا ڪندو هو، سي حالتون ٺوڙي زراعت ۽ ڪارخانن جو وڏيرڪو جاگيرداري نظام نئين پيداواري قوتن سان ٽڪر کائڻ لڳو. وڏيرڪي جاگيرداري نظام جو ماحول ۽ سندس حالتون وڏيرڪي جاگيرداري دور ۾ وڌيل ويجهيل پيداواري قوتن لاءِ زنجيرون بڻجي پيئه انهن زنجيرن کي ٽٽ ڏيئي ڇنڻ لازمي ٿي

اوترونئي اڃوڪو پورهيت طبقو وڏي تو. اڃوڪو پورهيت طبقو آهو طبقو آهي جنهن جا ماڻهو فقط اوترو وقت جيئندا آهن، جيترو وقت کين پورهيو هٿ چڙهي سگهندو آهي. کين پورهيو فقط اوترو وقت هٿ چڙهي سگهندو آهي، جيترو وقت سندن پورهيو سرمائي کي وڌائي سگهندو آهي. اهي پورهيت واپار جي ٻين شين وانگر بازار ۾ وڪڻ ۽ وڪڻ جي شيءِ آهن. هو پاڻ کي ذرو ذرو ڪري وڪڻن ٿا. هو هردم بازار جي اٿل پٿل جي لاهين ۽ چاڙهين ۽ چمايتين جو شڪار آهن.

مشينريءَ جي تمام گهڻي استعمال ڪري ۽ پورهيي جي ورڇ سبب اڃوڪن پورهيتن جي ڪم ۾ ذاتي هنر ۽ قابليت جو ڪم ڪونهي. تنهن ڪري پورهيتن کي ان مان ڪوبه مزو نٿو اچي. هو مشين جو هڪڙو پرزو بنجيو پوي ۽ کانئس تمام سادا، خسيس ۽ معمولي ڪم ورتا وڃن ٿا. تنهن ڪري هڪڙي پورهيت جي پيداوار جو خرچ سندس کاڌي پيتي ۽ ٻارن پيدا ڪرڻ جي خرچ جيترو مس آهي. هر بازار جي شيءِ جي قيمت ۽ پورهيي جي قيمت اوتري هوندي آهي، جيترو ان تي آيل خرچ. تنهن ڪري جيئن جيئن پورهيو وڃي اڻ وڻندڙ ٿيندو، تيئن تيئن مزوري وڃي گهٽبي. اچان به هيئن چئجي ته جيئن جيئن مشينريءَ جو استعمال ۽ پورهيي جي ورڇ وڃن وڌندا، تيئن پورهيي جو

ٻار وچي وڃندو. يا ته پورهيي جو وقت وڌايو ويندو آهي يا ساڳئي وقت ۾ وڌيڪ ڪم ورتو ويندو آهي، يا مشينري جي رفتار وڌيڪ تيز ڪئي ويندي آهي. اڄوڪي صنعت اڳوڻي استاد ڪاريگر جي ننڍڙي ڪارخاني کي بدلائي صنعتي سرمائيدار جو وڏو ڪارخانو بنائي وڌو آهي. ڪارخاني ۾ مزورن جا هجوم گهاٽ ٽيل هوندا آهن. انهن کي فوجي سپاهين وانگر منظم ڪيو ويندو آهي. هو جيئن ته صنعتي فوج جا چوٽا سپاهي هوندا آهن، ڪين آفيسرن ۽ نائڪن جي ڪمان هيٺ رکيو ويندو آهي. هو نه رڳو سرمائيدار طبقي ۽ سرمائيدار سرڪار جا غلام هوندا آهن پر ساڳئي وقت مشين ۽ جماندار (جمعدار) ۽ خاص ڪري ڪارخانيدار هر پل ۽ هر گهڙي ڪين غلام بنايو ويٺا هوندا آهن. انهن غلام بنائيندڙن جي ڊڪٽيٽرشپ جيئن جيئن کلم کلا اعلان ڪندي آهي ته "اسان جو مقصد نفعو ڪمائڻ آهي" تيئن تيئن پورهيت جي غلامي وڌيڪ خسيس قسم جي، وڌيڪ نفرت جهڙي ۽ وڌيڪ ڏکوئيندڙ ٿيندي ويندي آهي.

هٿ جي پورهيي ۾ جيئن جيئن قابليت ۽ جاکوڙ جي گهرج گهٽ ٿيندي ويندي آهي، يعني جيئن جيئن اڄوڪي صنعت وڌندي ويندي آهي، تيئن تيئن مردن جي پورهيي جي جاء عورتن جو پورهيو وٺندو ويندو، آهي. عمر جو فرق ۽ مرد زال جو تفاوت پورهيت

طبقي لاءِ پوءِ ڪابہ سماجي اهميت ڪانہ رکندو آهي، سڀ پورهيت پورهيي جا اوزار ٿي ويندا آهن. ڪي سستا تہ ڪي مهانگا.

پورهيت ڪي ڪارخاني وارو نپوڙيو اچا مس بس ڪري ۽ پورهيت مزوريون وانگر دنگ مس ڪري تہ سرمائيدار طبقي جا پيا ٿشڪر ٿيس چڙهيو وڃن. جهڙوڪ: جاءِ جي مسواڙ وٺڻ وارا، دڪاندار، وياج خور وغيره.

وچين طبقي جي هيٺين خاني وارا ماڻهو جهڙوڪ: ننڍا واپاري، دڪاندار، پوڙها ٿي ويل ننڍڙا واپاري، ڪاريگر، آبادگار بہ آهستي آهستي ڪريو وڃيو پورهيت طبقي ۾ گڏجن. ان جو هڪڙو سبب اهو هوندو آهي تہ جنهن پيماني تي اچوڪيون صنعتون ۽ ڪارخانا هلن ٿا، ان پيماني جي ڪاروبار لاءِ هنن جي ٿورڙي موڙي پوري نہ پوندي آهي. يا وري پيداوار جي اچوڪن نون نمونن ڪري سندن خاص هنر ۽ قابليت بيڪار ۽ اجايا ٿي پوندا آهن. انهن سببن جي ڪري اچوڪو پورهيت طبقو ملڪ جي آباديءَ جي سمورن طبقن مان ڀرتي ٿيندو آهي.

پورهيت طبقو واڌاري جي ڪيترين منزلن مان لنگهندو آهي. جڏهن اهو ٻالپڻ ۾ هوندو آهي، تڏهن کان وٺي سندس سرمائيدار طبقي سان جدوجهد ۽ زور آزمائي شروع ٿي ويندي آهي. پهريائين پهريائين هرڪو

مزور پنهنجي ليکي اڪيلي سر مقابلو ڪندو آهي. پوءِ هڪڙي ڪارخاني جا سڀ مزور گڏجي مقابلو ڪندا آهن. تنهن کان پوءِ هڪڙي هنڌ يا بستيءَ ۾ سڀيئي ڪم ڪندڙ مزور گڏجي ان سرمائيدار سان مقابلو ڪندا آهن؛ جيڪو سڌيءَ طرح کين پيڙهي ۽ ڦري لٽي ٿو. هو آهي حملا سرمائيدار پيداوار جي حالتن تي نه، پر پيداوار جي اوزارن تي ڪندا آهن. هو ٻاهران آندل اُهي شيون ناس ڪندا آهن جي سندن پورهي سان مقابلو ڪنديون آهن. هو مشينريءَ جا پرزا ڀوڙيندا آهن. ڪارخانن کي باهيون ڏيندا آهن. هو چاهيندا آهن ته اڳوڻي دؤر ۾ مزور جو جيڪو مرتبو هو سو زبردستيءَ وري قائم ڪريون.

هن ڏاڪي تي مزور سڄي ملڪ ۾ ٽڙيل پکڙيل هجوم وانگر هوندا آهن. کين پنهن جي ڳالهه چڱيءَ طرح ڪرڻ نه ايندي آهي. سندن پاڻ ۾ چٽا پيٽي هوندي آهي. تنهن ڪري هو ٽڪر ٽڪر ٿيل هوندا آهن. جي ڪٿي هو گڏجي سڌجي پڪا ٽولا تيار ڪندا آهن ته ان جو سبب به اهو نه هوندو آهي ته ڪو هو ڪوشش ڪري پاڻ ۾ ٻڌي ٿا ڪن. ان جو ڪارڻ اهو هوندو آهي جو سرمائيدار پنهنجا سياسي مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ سڄي پورهيت طبقي کي حرڪت ۾ آڻڻ لاءِ مجبور ٿيندو آهي ۽ ان وقت تائين هو ائين ڪري سگهندو آهي. تنهنڪري

ڪئي ۽ ان ۾ صدين جون صديون لڳاتي چڏيائون، اها ٻڌي هن زماني جا پورهيت ريلواين جي مهربانيءَ سبب ٽورن سالن اندر ناهيو ونن.

پورهيت هڪ طبقي جي حيثيت ۾ منظم تين تا ۽ ان کان پوءِ هڪ سياسي پارٽي بنجن تا. خود پورهيتن جي وچ ۾ چٽا پيٽي تيو پوي. ان ڪري سندن يڪي تنظيم ۽ يڪي پارٽي ناهڻ جي ڪم ۾ رخنو پوي ٿو. پر اها ٻڌي وريو وريو اپريو اڇي ۽ هر ڀيري اڳي کان وڌيڪ طاقتور، وڌيڪ مضبوط ۽ وڌيڪ جبري تيو پوي. اها قانون ناهيندڙن کي مجبور تي ڪري ته هو مزورن جي فائدي وارين ڳالهين کي قبول ڪن. اهو انهي ڪري تي سگهي تو جو سرمائيدار طبقي اندر ڦيٽارو هوندو آهي. اهوئي سبب آهي جو انگلينڊ ۾ هڪڙي ڏينهن ۾ فقط ڏهه ڪلاڪ ڪم ڪرڻ جو قانون منظور تيو.

پراڻي سماج جي طبقن ۾ جيڪي ٽڪر هوندا آهن سي تلهي ليکي گهڻين ئي ڳالهين ۾ پورهيت طبقي جو واڌارو آڻيندا آهن. پورهيت طبقو پاڻ کي سدائين لڙائيءَ ۾ رتل ڏسندو آهي. پهريائين جاگيردار طبقي سان، پوءِ سرمائيدار طبقي جي انهن حصن سان جن جا مفاد ڪارخانن جي واڌاري کي سهي نه سگهندا آهن. ڌارين ملڪن جي سرمائيدارن سان ٽڪر ته هردم ۾ چالو رهندو آهي. انهن لڙاين ۾ سرمائيدار طبقو پورهيت طبقي کي منٿ

طبقي جو هڪڙو حصو وڃي سرمائيدار طبقي سان مليو هو، تيئن هاڻ سرمائيدار طبقي جو هڪڙو حصو وڃيو پورهيت طبقي سان ملي. خاص ڪري نظريي جا اهي سرمائيدار ڇاڪاڻ جيڪي پاڻ کي وڏائي ان درجي تي پهچائين ٿا، جو هو نظرياتي طرح تاريخ جي سموري واڌاري کي سمجهي سگهن ٿا.

اڄ جيڪي به طبقا سرمائيدار طبقي جي دوبدو بيٺا آهن انهن ۾ فقط پورهيت طبقو ئي سچ پچ انقلابي طبقو آهي. ٻيا طبقا اڄوڪي دور جي صنعت جي مقابلي ۾ ڪومائجيو، ڳريو نيٺ غائب ٿيو وڃن. اڄوڪي دور جي صنعت جي خاص ۽ لازمي پيداوار آهي، پورهيت طبقو.

هيٺيون وچيون طبقو، ننڍڙا ڪارخانيدار، دڪاندار، ڪاريگر، هاري اهي سڀ سرمائيدار طبقي سان انهي لاءِ لڙن ٿا ته جيئن وچين طبقي اندر جيڪو سندن وجود آهي، تنهن کي ناس ٿيڻ کان بچائي سگهن. انهي ڪري هو انقلابي ناهن. هو جيڪا صورتحال اڄ آهي، تنهن کي قائم رکڻ جي فائدي ۾ آهن. نه رڳو ايترو، هو چاهين ٿا ته وقت جي واڳ پوئتي موڙي. هو تاريخ جي چڪر کي پوئتي ڦيرو ڏيڻ چاهين ٿا. جيڪڏهن هو اتفاق سان انقلابي ٿين ٿا ته رڳو انهي ڪري ته کين ڊپ آهي ته اڄ ٿا وڃيو پورهيت طبقي سان ملون. اهڙي وقت هو پنهنجي موجوده

Gul Hayat Institute

فائدن جو بچاءُ نہ ڪندا آهن. پر اينڊز مفادن جي حفاظت ڪندا آهن. هو پنهنجي طبقي جي موقف ۾ بيهڪ ڪان ڀڄي وڃي بورهيت طبقي جو موقف ۾ بيهڪ وٺندا آهن.

بورهيت انقلاب تي سگهي تو تہ ڪن ڪن هنڌن تي پراڻي سماج جي سڀ ڪان هيٺين خانن طرفان اڇلي قٽي ڪيل "خطرناڪ طبقي"، سماجي گند ڪچري، يعني مانڻ منيءَ ۾ ڪني ڦيندڙ مائهن جي ميڙ کي گهلي آئي انقلابي تحريڪ سان ملائي. پر انهن جي زندگيءَ جون حالتون حقيقت ۾ اهڙيون آهن جو هو رجعت پرست سازشين ڪان پاڙ وٺي سندن هٿيار بنجڻ لاءِ وڌيڪ موزون آهن.

بورهيت وٽ ڪا ملڪيت ڪانهي. سندس پنهنجن ٻارن ٻچن سان جيڪي لاڳاپا آهن تن ۾ ۽ سرمائيدار ڪٽنبن جي وچ ۾ جيڪي لاڳاپا هوندا آهن، تن جي وچ ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. انگلينڊ توڙي فرانس، آمريڪا توڙي جرمنيءَ ۾ سرمائي جي هٿوڪي غلاميءَ مزور ڪان قوميت جي هر نشاني کسي ورتي آهي.

هو سمجهي تو تہ قانون، اخلاق، مذهب اهي سڀ سرمائيدار تعصب آهن. سرمائيدار مفاد انهن تعصبن جي آڙ وٺيو گهٽ جهليو، سندس تاڙ ۾ لڪا ويٺا آهن.

اڳوڻي زماني ۾ جيڪي بہ طبقا ٻين ڪان زور تي ويا هئا تن چاهيو تي تہ سموري سماج کي انهن حالتن

جي تابع ڪريون جن حالتن ۾ سندن قبائلي ملڪيت وڌن ٿي رهي ۽ پاڻ جيڪا حيثيت اڳ ۾ ٿي حاصل ڪري چڪا هئا سا وڌيڪ مضبوط ٿئي.

پورهيت تيستائين سماج جي پيداواري قوتن جا مالڪ ٿيئا ٿي سگهن، جيستائين هو خود پنهنجي ملڪيت حاصل ڪرڻ جي طريقي کي ختم نہ ڪندا ۽ پڻ اڳوڻن سڀني ملڪيت حاصل ڪرڻ جي طريقن کي ختم نہ ڪندا. وٽن ڪابہ اهڙي شيءِ ڪانهي، جنهن کي هو سلامت رکن ۽ مضبوط ڪن. سندن تاريخي فرض ۽ مقصد آهي تہ هر ذاتي ملڪيت قائم رکڻ جون سموريون ضمانتون ۽ سمورا بچاءُ تباهہ ڪري ڇڏين.

اڳوڻيون سموريون تاريخي تحريڪون يا تہ ٿورائيءَ ۾ اقليتن جون هلايل تحريڪون هيون يا ٿورائي ۽ اقليت جي فائدي لاءِ تحريڪون هيون. پورهيتن جي تحريڪ وڏي گهڻائيءَ جي سوچيل سمجهيل خودمختيار تحريڪ آهي ۽ هن وڏي گهڻائيءَ جي ئي فائدي لاءِ آهي. پورهيت طبقو يعني هاڻوڪي سماج جو سڀ کان ڪريل طبقو تيستائين چري بہ نٿو سگهي ۽ تيستائين پاڻ کي پنهنجن پيرن تي بيهاري نٿو سگهي، جيستائين هو سرڪاري سماج جي سموري مٿين ٺٽ ٺانگر ۽ طبقن کي ڊوڙ وانگر اڏائي نہ ڇڏيندو.

مٿين جيئن ٺيڪ باطني طرح نہ، تہ بہ ظاهري طرح پورهيت طبقي جي سرمائيدار طبقي خلاف جدوجهد اول اول

حالتون ۾ موجود نہ ٿيون رهن. هو ڪٽبو خلاص ٿيو وڃي. ملڪ ۾ جيتري آدمشماري ۽ دولت وڌي ٿي، ان کان ۾ وڌيڪ ڪنگال ٿيائي وڌي ٿي. اهڙي ريت ظاهر ٿو ٿئي تہ سرمائيدار طبقو سماج ۾ حاڪم طبقو ٿي رهڻ ۽ پنهنجي وجود جي حالتن کي قانون وانگر سماج تي مڙهڻ جو لائق ٿي نہ رهيو آهي. اهو انهيءَ ڪري حڪم هلائڻ جي لائق ناهي، ڇاڪاڻ تہ هو پنهنجي غلام کي غلامي جي حالت ۾ بہ موجود ۽ جيئرو رکڻ جي صلاحيت نٿو رکي. سندس غلام نيٺ اهڙي حالت کي وڃيو رسي جو ٿو پنهنجي مالڪ يعني سرمائيدار کي کٽي کارائڻ بدران خود مالڪ تي چٽي بنجيو پوي. سرمائيدار ان حالت جو ڪوبہ تدارڪ ڪري نٿو سگهي. سماج انهيءَ سرمائيدار جي ماتحت وڌيڪ وقت رهي نٿو سگهي. مطلب تہ سرمائيدار طبقي جو وجود سماج سان وڌيڪ وقت نٿو ٺهڪي.

سرمائيدار طبقي جي وجود ۽ ان جي حاڪميءَ لاءِ لازمي شرط اهو آهي تہ سرمايو ٺهي ۽ وڌي ويجهي. سرمايي جي لاءِ لازمي شرط آهي مزوريءَ تي پورهيو. مزوريءَ تي پورهيو، مزورن جي وچ ۾ چٽا ڀيٽي تي ٻڌل آهي.

سرمائيدار طبقو پنهنجي مرضيءَ جي برخلاف صنعت کي وڌائي ٿو. اڳي پاڻ ۾ چٽا ڀيٽي ڪرڻ ڪري مزورن جي جيڪا اڪيلائي هئي سا ان واڌ

Gul Hayat Institute

جي ڪري بدلجيو. انقلابي بڏيءَ جي صورت وٺي.
هاٿوڪي صنعت جو واڌارو پنهنجن پيرن هيٺان اهو بنياد
ناس ڪريو ڇڏي. جنهن بنياد تي سرمائيدار طبقو پيداوار
ڪري ٿو ۽ پيداوار جو مال کٽي ٿو. تنهن ڪري
سرمائيدار طبقو جيڪا مکيہ شيءِ پيدا ڪري ٿو سا
اها آهي تہ هو پنهنجي قبر کوٽيندڙ ماڻهو پيدا ڪري
ٿو. سرمائيدار طبقي جو زوال ۽ پورهيت طبقي جي
فتح اهي ٻئي هڪ جهڙيون اڻ ٽر ڳالهيون آهن.

Gul Hayat Institute

# پورهيت ۽ ڪميونسٽ

ڪميونسٽن جو سمورن پورهيتن سان ڪهڙو لاڳاپو آهي؟

ڪميونسٽ ٻين پورهيت طبقي جي مخالفت ۾ ڪا جدا پارٽي ڪونه ٺا ناهين.

ڪين ٻين سڀني پورهيتن کان الڳ ۽ ڌار ڪي به مفاد ڪونهن.

پورهيت تحريڪ کي نه ناهجي جوڙجي، تنهن لاءِ هنن ڪي به پنهنجا الڳ تنگ نظريءَ وارا اصول ڪونه بنايا آهن.

ڪميونسٽ ٻين پورهيت طبقي جي ٻين پارٽين کان فقط هنن ڳالهين ۾ نرالا آهن. (۱) ڌار ڌار ملڪن جا پورهيت پنهنجي قومي حدن اندر جيڪي جدوجهدون ڪن ٿا، انهن جدوجهدن ۾ ڪي گڏيل مفاد اهڙا هوندا آهن جي ڪنهن به خاص قوميت جي پورهيتن جا نه پر سڀني قومن جي پورهيتن جا سا ڳيا ۽ هڪ جهڙا مفاد آهن. ڪميونسٽ انهن گڏيل مفادن ڏانهن پورهيت جو ڌيان ڇڪائين ٿا ۽ انهن گڏيل مفادن کي جدوجهد ۾ اڳيرو ڪن ٿا. (۲) سرمائيدار طبقي

Gul Hayat Institute

خلاف پورهيت طبقي جي جدوجهد ڪي واڌاري جي جن جن منزلن مان لنگهڻو پوي ٿو، تن سڀني منزلن ۾ هو هميشه ۽ هر هنڌ يڪي ۽ سموري جدوجهد جي ڪاميابيءَ جون ڳالهيون خيال ۾ رکن ٿا ۽ انهن کي اڳتي وڌائين ٿا.

تنهن ڪري ڪميونسٽ هڪڙي پاسي عملي طرح هر ملڪ جي پورهيت طبقي جي پارٽين جو سڀ کان اڳتي وڌيل ۽ محڪم ارادي وارو حصو آهن ۽ ٻين حصن کي اڳتي ڌڪين ٿا. ٻئي طرف هو نظرياتي طرح پورهيتن جي وڏي گهڻائيءَ کان هن ڳالهه ۾ اڳرا آهن ته ڪين پورهيت تحريڪ جي واٽ، ان جي حالتن ۽ ان جي آخري عام نتيجن جي ٻين سڀني کان وڌيڪ ڄاڻ آهي.

ڪميونسٽن جو ترت مقصد اهو ئي ساڳيو آهي، جيڪو ٻين سڀني پورهيت پارٽين جو هوندو آهي. يعني پورهيت طبقو هڪڙو باقاعدي طبقو ٺهي پوي، سرمائيدار طبقي جي راڄ جو تختو اونڌو ٿئي ۽ پورهيت طبقو سياسي اقتدار فتح ڪري.

ڪميونسٽن جيڪي نظرياتي نتيجا ڪڍيا آهن، سي ڪنهن خاص نام نهاد ”سڄي جهان کي سڌاريندڙ“ جي ايجاد ڪيل يا ڳولي لڌل خيالن يا اصولن تي ٻڌل نه آهن.

اڄ جيڪا طبقن جي وچ ۾ ويڙهه پئي هلي ۽

Gul Hayat Institute

اسان جي اکين اڳيان جيڪا تاريخي تحريڪ پئي هلي، تن مان ڪي لا ڳاپا ازخود ڦٽي نڪتا آهن. ڪميونسٽن جو نظريو انهن لاڳاپن کي ئي ٿلهي ليکي بيان ڪري ٿو. هن وقت جيڪي ملڪيت جا لاڳاپا آهن، آهي ختم ڪيا وڃن: سا ڳالهه ڪميونزم جي ڪا نرالي ڳالهه ڪانهي. اڳي به هميشه جڏهن تاريخي حالتون بدليون آهن، تڏهن ملڪيت جي لاڳاپن ۾ تاريخي رد وبدل ٿي آهي.

مثال طور: فرينچ انقلاب جاگيردار ملڪيت کي ڊاهي سرمائيدار ملڪيت کڙي ڪئي. ڪميونزم جي خاص ڳالهه اها نلهي ته اها عام طرح ملڪيت کي ختم ڪري ٿي. آن جي خاص ڳالهه اها آهي ته آها سرمائيدار ملڪيت کي ختم ڪري ٿي. پيداوار ڪرڻ ۽ پيدا ڪيل مال کي هٿ ڪرڻ جا، طبقاتي دشمنين ۽ تورن طرفان گهڻن کي استعمال ڪرڻ جي بنياد تي ٻڌل، جيڪي به نظام هيستائين ٿي گذريا آهن، تن سڀني جو ڀرپور اظهار سرمائيدار ذاتي ملڪيت ۾ ٿئي ٿو.

انهيءَ خيال کان ڪميونسٽن جي نظريي جو هڪڙي ئي جملي ۾ نچوڙ بيان ڪري سگهجي ٿو. يعني ذاتي ملڪيت کي ختم ڪرڻ. اسان ڪميونسٽن کي مٿهو ميار ٿا ڏين ته جيڪي ماڻهو پنهنجي هڪهر جي پورهيي ۽ مڙسيءَ سان ملڪيت هٿ ٿا ڪن، تن

Gul Hayat Institute

ڪان توهان اهو حق کسڻ گهرو ٿا. هو چون ٿا ته ماڻهوءَ جي ذاتي آزاديءَ، ڪم ۽ خودمختياريءَ جو دارومدار آهي ئي ذاتي ملڪيت تي.

پکهر جي پورهيي ۽ مزدوريءَ سان هٿ ڪيل ملڪيت! ننڍي ڪاريگر، ننڍي آبادگار جي ان ملڪيت جي ڳالهه ٿا ڪريو ڇا، جيڪا سرمائيدار ملڪيت جي نموني کان اڳ رائج هئي؟ اُن کي ختم ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي! صنعت جي واڌاري اُن کي اڳيئي گهڻو ڪري ختم ڪري ڇڏيو آهي، ۽ اڃان به روز پيو ختم ڪري. يا اڄوڪي سرمائيدار ذاتي ملڪيت جي ڳالهه ٿا ڪريو ڇا؟

پر مزوريءَ تي پورهيو، پورهيت لاءِ ڪا ملڪيت ناهي ٿو ڇا؟ بلڪل نه. اهو پورهيو سرمايو ناهي ٿو. يعني اهڙي قسم جي ملڪيت ناهي ٿو، جيڪا مزوريءَ تي ڪيل پورهيي کي استعمال ڪري ٿي. جيڪا مزوريءَ تي ڪيل پورهيي جي هر پيري نئين کيپ کان نئين قرات ڪرڻ کان سواءِ وڌي ويجهي نٿي سگهي. اها ملڪيت پنهنجي هاڻوڪي صورت ۾ سرمايي ۽ مزوريءَ تي ڪيل پورهيي جي دشمنيءَ مان پيدا ٿئي ٿي. اچو ته انهيءَ دشمنيءَ جا ٻئي پاسا جا نچيون.

سرمائيدار ٿيڻ جي معني آهي ته پيداوار ۾ نه رڳو هڪڙو نج ذاتي درجو حاصل ڪرڻ، پر سماجي درجو به حاصل ڪرڻ. سرمايو هڪڙي گڏيل پيداوار آهي ۽ سرمايي

ڪي حرڪت ۾ فقط تڏهن آڻي سگهجي ٿو، جڏهن سماج جا گهڻا فرد گڏجي اُن ڪي حرڪت ۾ آڻين. حقيقت ۾ توڙ تائين ڳالهه جانچبي ته ڏسڻ ۾ ايندو ته سرمايو سماج جي سمورن فردن جي گڏيل ڪوشش سان ئي وڌي سگهي ٿو.

تنهن ڪري سرمايو ذاتي قوت نه پر سماجي قوت آهي. يعني سڄي سماج جي قوت آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن سرمايي کي ڦيرائي گڏيل ملڪيت يعني سماج جي سمورن فردن جي ملڪيت بڻائجي ٿو ته اُن جي ڪري ڪنهن ذاتي ملڪيت کي سماجي ملڪيت نٿو بڻائجي. ملڪيت جو فقط سماجي ڪردار بدلجي ٿو. ان جو طبقاتي ڪردار ختم ٿيو وڃي.

هاڻ اچو ته مزوريءَ تي ڪيل پورهيي کي وٺون.

مزوريءَ تي ڪيل پورهيي جي سراسري قيمت آهي گهٽ ۾ گهٽ مزوري. يعني جياپي جي وسيلن جو اهو مقدار، جو مزور کي پورهيت جي حيثيت ۾ فقط جيئرو رکڻ لاءِ بلڪل لازمي طرح گهربل هجي. تنهن ڪري مزوريءَ تي پورهيو ڪندڙ مزور پنهنجي پورهيي وسيلي جيڪي ڪجهه حاصل ڪري ٿو سو فقط کيس جيئرو رکڻ ۽ سندس هٿان نوان مزور پيدا ڪرائڻ لاءِ مس پورو آهي. اسين اهو بلڪل نٿا چاهيون ته پورهيي جي پيداوار مان مزور جو اهو ذاتي ڪنيه ختم ڪريون. اهو ڪنيو ۽ ڪمائي فقط انساني حياتيءَ

پيداوار جي هاڻوڪين سرمائيدار حالتن ۾ آزاديءَ جو مطلب آهي، آزاد واپار، آزاد وڪرو ۽ آزاد خريداري.

پر جيڪڏهن وڪرو ۽ خريداري گم ٿي وڃن ته پوءِ آزاد وڪرو ۽ آزاد خريداري به ازخود گم ٿيو وڃن. آزاد وڪري ۽ آزاد خريداريءَ جي ڳالهه توڙي سرمائيدارن جي آزاديءَ بابت ٻيون عام ڳالهيون فقط تڏهن اهميت رکن ٿيون، جڏهن انهن جي ڀيٽ اڳئين زماني جي پابند وڪري، پابند خريداري ۽ پابند واپارين جي حالت سان ڪئي وڃي... پر ڪميونسٽ نظام هيٺ خريداري ۽ وڪري کي ختم ڪرڻ، پيداوار جي سرمائيدار حالتن کي ختم ڪرڻ ۽ خود سرمائيدار طبقي کي ختم ڪرڻ واري ڳالهه کي مٿين ڳالهه سان ڀيٽڻ اجايو ۽ بي معنيٰ آهي.

اسين ذاتي ملڪيت ختم ڪرڻ گهرون ٿا. اها ڳالهه ٻڌيو توهان کي دهشت وٺيو وڃي. پر توهان جي هاڻوڪي سماج ۾ ڪل ماڻهن جي نون پتين جي ذاتي ملڪيت توهان اڳي ئي ختم ڪري ڇڏي آهي. ٿورڙن ماڻهن وٽ ذاتي ملڪيت آهي، انهيءَ ڪري جو آباديءَ جا نوَ حصا بنا ملڪيت جي هٿين خالي آهن. تنهن ڪري چئبو ته توهان ملڪيت جي جنهن صورت کي ختم ڪرڻ لاءِ اسان کي ڏوهه ٿا ڏيو، سا ملڪيت جي اها صورت آهي جنهن جي وجود لاءِ اهو لازمي آهي ته سماج جي وڏي گهڻائيءَ وٽ ڪابه ملڪيت

نہ هجي.

مطلب تہ توهان اسان کي توهان جي ملڪيت ختم ڪرڻ لاءِ ڏوهہ ٿا ڏيو. توهان جي ميار واجبي آهي. اسين برابر بنهہ ائين ئي ڪرڻ چاهيون ٿا. جنهن مهل پورهيي کي بدلائي سرمايي جي رقم يا مسواڙ جي رقم بنائڻ ناممڪن ٿيو پوي، جنهن گهڙيءَ پورهيي کي بدلائي هڪ هٿي ڄمائڻ جهڙي سماجي قوت بنائڻ واري ڳالهہ ختم ٿيو وڃي، جنهن مهل ذاتي ملڪيت کي بدلائي سرمائيدار ملڪيت يعني سرمايو بنائڻ جو امڪان ختم ٿيو وڃي، تنهن مهل توهان چئو ٿا تہ ذاتي حيثيت ختم ٿي.

تنهن ڪري توهان کي اها ڳالهہ قبول ڪرڻي پوندي تہ فرد جي توهان وٽ معنيٰ آهي، سرمائيدار يا وچين طبقي وارو ملڪيت جو مالڪ. انهيءَ شخص کي برابر رستي تان ڀهاري آڇلي ڇڏڻ کپي ۽ اهڙو بندوبست ڪرڻ کپي جو اهو وري اُسري نہ سگهي.

ڪميونزم ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي سماج جي پيداوار مان حاصلات ڪرڻ جي طاقت کان نٿي روڪي. اها فقط انهيءَ ڳالهہ کي روڪي ٿي تہ ڪوبہ ماڻهو سماج جي پيداوار مان اهڙي نموني حاصلات نہ ڪري سگهي جو ٻين جي پورهيي جو مالڪ ٿي وڃي.

اعتراض ڪيو ٿو وڃي تہ ذاتي ملڪيت کي ختم ڪبو تہ سڀ ڪم ڪار بيهي وينداو ۽ سڄي جهان کي

Gul Hayat Institute

مڃيو ٿه پر جنهن وقت توهان جي سرمائيدار قومي واري ملڪيت جي ڳالهه ٿي نڪري تڏهن ڇو ڪو توهان کي اها ڳالهه مڃڻ کان منع ڪريو ٿا؟

زال مڙس جي ناتي جو خاتمو؟ جيڪي بنهه آزاد خيال آهن سي به ڪميونسٽن جي ان ”بدنام“ رٿ تي تپيو باهه ٿيو وڃن. هاڻوڪو سرمائيدار ڪٽنب ۽ گهر ڀلا ڪهڙي بنياد تي بيٺل آهي؟ سرمايي تي، ذاتي نفعي تي. اهڙي قسم جو مڪمل طرح رچي راس ٿيل ڪٽنب فقط سرمائيدار ڪٽنب ٿيندو آهي. پر سرمائيدار ڪٽنب وڏي ان منزل تي پهچندا ٿي تڏهن آهن جڏهن پورهيتن ۾ ڪي به ڪٽنب جا لاڳاپا نه هوندا آهن ۽ پبلڪ ۽ پرائيوٽ چڪلا عام جام هوندا آهن. پورهيتن ۾ باقائدي ڪٽنبن جو نه هجڻ ۽ چڪلن جو عام هجڻ سرمائيدار ڪٽنب جو پيو لازمي پاسو آهي. جي اهو پاسو نه رهندو ته سرمائيدار ڪٽنب به گم ٿي ويندو.

اوهان اسان تي الزام ٿا هڻو ڇا ته اسين مائٽن طرفان پنهنجي ٻارن کي استعمال ڪرڻ جي رواج کي ختم ڪرڻ چاهيون ٿا؟ اسين انهيءَ ڏوهه جا قبولدار آهيون.

توهان چوندا ته توهين گهرو تعليم جي جاءِ تي سماجي تعليم جو رواج وجهندا ته پاڪ کان پاڪ لاڳاپا تباهه ٿي ويندا.

۽ توهان جي تعليم! ڇا اها به سماجي نه آهي؟

Gul Hayat Institute

ڇا آھا انھن حالتن جي ماتحت نہ آھي جن حالتن ۾ توھان تعليم ڏيو ٿا. ڇا ان تعليم ۾ اسڪولن وغيرہ وسيلي سماج سڌي اڻ سڌي دست اندازي نٿو ڪري.

تعليم ۾ سماج جي دست اندازي ڪميونسٽن ايجاد ڪانہ ڪئي آھي. ھو فقط ان دست اندازيءَ جو ڪردار بدلائڻ چاھين ٿا ۽ ان کي حاڪم طبقي جي اثر کان آجو ڪرڻ چاھين ٿا.

سرمائيدار طبقو گھر (ڪٽنب) ۽ تعليم بابت، مائٽ ۽ اولاد جي مقدس لاڳاپن بابت ڏاڍي ڇاڙي ھٽي ٿو. جيئن جيئن ھاٺوڪي صنعت، پورھيت طبقي ۾ پورھيت طبقي جي ڪٽنبن کي ڇني ڏار ڏار ڪندي وڃي ۽ سندن ٻارن کي واپار جون معمولي شيون ۽ پورھيي جا اوزار بڻائيندي وڃي، تيئن تيئن اھا ڇاڙي وڏيڪ نفرت جوڳي ٿيو پوي. سڄو سرمائيدار طبقو ھڪ ٻئي سان سُر ملائي رنيون ڪري ٿو تہ "توھين ڪميونسٽ عورتن کي سڀني جو گڏيل مال بڻائيندؤ."

Gul Hayat Institute

سرمائيدار پنھنجي زال کي فقط پيداوار جو اوزار سمجھي ٿو. ھو جڏھن ٻڌي ٿو تہ پيداوار جا سڀ اوزار سڀئي گڏجي استعمال ڪندا، تڏھن ھو قدرتي طرح انھيءَ ٿي نتيجي تي پھچي ٿو تہ عورتن سان بہ ساڳي حالت ٿيندي.

لھا ڳالھ ھن جي وھم گمان ۾ ئي نٿي اچي تہ

اصل مقصد اهو آهي ته اڄ جون عورتون رڳو پيداوار جا اوزار ٿيون پيون آهن، سا ڳالهه ختم ڪئي وڃي.

باقي جو سرمائيدار مڪر ڪريو انهي تي ٿا ڪاوڙجن ته ڪميونسٽ سرڪاري طرح عورتن کي گڏيل مال بنائي ڪتب آڻيندا، سو انهيءَ کان وڌيڪ واهيات پيو ڪهڙو الزام ٿيندو؟

ڪميونسٽن کي اها ضرورت ئي ڪانهي جو عورتن کي گڏيل مال بنائي استعمال ڪرڻ جو رواج وجهن. اهو رواج ته ايامن کان وٺي هلندو اچي. اسان جو سرمائيدار پورهيتن جي زالن ۽ ڌيئن مان ته نهيو پر عام رنڊين مان به ننو ڊاپي. تنهنڪري هو ڏاڍي مزي سان هڪ ٻئي جي زالن مان لسٽون وٺندا آهن.

سرمائيدار شادي حقيقت ۾ گڏپ ۾ زالون ڏارڻ جو نظام آهي. ڪميونسٽن تي وڌ ۾ وڌ اهو الزام لڳندو ته منافقيءَ مان لڪي گڏپ ۾ زالون استعمال ڪرڻ بدران هو متان ڪليو ڪلايو زالن جي قانوني گڏپ جو رواج وجهن. باقي ظاهر آهي ته پيداوار جو هاڻوڪو سرشتو ختم ٿيندو ته لازمي طرح ان سرشتي مان جيڪو زالن جو گڏپ جو سرشتو ڦٽي نڪتو آهي، يعني عام چڪلي بازي ۽ پرائيوٽ رنڊيبازيءَ جو دستور قائم ٿيو آهي، سو ختم ٿي ويندو.

ڪميونسٽن تي ٻيو الزام اهو هنيو وڃي ٿو ته

"توهان ملڪن ۽ قومن کي ختم ڪرڻ چاهيو ٿا."

پورهيت ماڻهن وٽ ڪو ملڪ آهي ئي ڪونه. جيڪي وٽن اڳي ئي ڪونهي سو اسين کانئن کسي نٿا سگهون. البت جنهن صورت ۾ پورهيت طبقي کي سڀ کان پهرين سياسي برتري ۽ فوقيت حاصل ڪرڻي آهي، کين مٿي چڙهي قوم جو اڳواڻ طبقو ٿيڻو آهي ۽ پاڻ کي خود قوم بڻائڻو آهي، تنهن صورت ۾ اهو ان حد تائين خود قوم آهي. جيتوڻيڪ سرمائيدار طبقي جي مقرر ڪيل معنيٰ ۾ نه.

سرمائيدار طبقي جي واڌاري ڪري، واپار جي آزاديءَ ڪري، سڄي دنيا جي هڪ مارڪيٽ ٺهڻ ڪري، پيداوار جي نموني ۽ ان سان ٺهڪندڙ حياتيءَ جي حالتن ۾ هر هنڌ هڪجهڙائي پيدا ٿيڻ ڪري، قومي فرق ۽ دشمنيون روز بروز گهٽ ٿينديون وڃن.

پورهيت طبقو جڏهن برتري ۽ فوقيت حاصل ڪندو، تڏهن اهي اڃا وڌيڪ تيزيءَ سان گهٽ ٿينديون. پورهيت طبقي جي ڇوٽڪاري لاءِ جيڪي حالتون لازمي طرح گهربل آهن، تن مان هڪڙي اها آهي ته گهٽ ۾ گهٽ دنيا جا اڳوان سڌريل ملڪ گڏجي قدم کڻن.

جيئن جيئن هڪ ماڻهو هٿان ٻئي ماڻهو کي استعمال ڪرڻ جي بڇڙائي ختم ٿيندي ويندي، تيئن تيئن هڪڙي قوم هٿان ٻي قوم کي استعمال ڪرڻ جي بڇڙائي به ختم ٿيندي ويندي. جيئن جيئن هڪڙي قوم اندر

Gul Hayat Institute

طبقن جي وچ ۾ دشمني ختم ٿيندي ويندي، تيئن تيئن هڪڙي قوم جو ٻي قوم سان وير، ورون ختم ٿيندو ويندو.

ڪميونزم تي مذهب، فلسفي ۽ عام طرح نظرياتي نقطي نظر کان جيڪي الزام هنيا وڃن ٿا، سي سنجيدگي ۽ سان تپاس ڪرڻ جهڙا ئي ڪونهن. جيئن جيئن ماڻهوءَ جي مادي وجود جون حالتون ڦرن ٿيون، جيئن جيئن سندس سماجي لاڳاپا ڦرن ٿا ۽ سندس سماجي زندگيءَ ۾ تبديلي اچي ٿي، تيئن تيئن سندس خيال، رايا، سوچ ۽ سمجهه ڦرندا گهرندا رهن ٿا. انهيءَ ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ ڪنهن اونهي عقل جي ضرورت آهي ڇا؟

خيالن جي تاريخ سواءِ انهي جي ٻيو ڇا ٿي ثابت ڪري ته جيئن جيئن مادي پيداوار ڦري ٿي، تيئن تيئن ذهني پيداوار به بدلبي وڃي. هر زماني جا حاڪم خيال هميشه اهي پئي رهيا آهن، جيڪي حاڪم طبقي جا خيال هوندا آهن.

جڏهن ماڻهو چون ٿا ته فلاڻن خيالن سماج ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو آهي، تڏهن هو فقط اها ڳالهه ظاهر ڪن ٿا ته پراڻي سماج اندر نئين سماج جا جزا پيدا ٿيندا آهن. جيتري قدر جياپي جون پراڻيون حالتون درهم برهم ٿينديون، اوتري قدر پراڻا خيال درهم برهم ٿيندا. جڏهن قديم دنيا پنهنجي سڪرات ۾ هئي، تڏهن عيسائيت قديم مذهبن تي غالب پئجي ويئي. جڏهن

ارڙهين صديءَ ۾ عيسائي خيال عقل تي ٻڌل خيالن جي مقابلي ۾ شڪست کائي ختم ٿيا، تڏهن پراڻي زميندار جاگيردار سماج ان وقت جي انقلابي طبقي يعني سرمائيدار طبقي سان پنهنجي حياتيءَ ۽ موت جي لڙائي ڪئي. مذهبي آزادي ۽ ضمير جي آزاديءَ جي خيالن رڳو اها ڳالهه بيان ڪئي ته علم ۽ ڄاڻ جي ميدان ۾ آزاد چٽا ڀيٽيءَ جو غلبو هجڻ کپي.

چيو ويندو ته ”تاريخ جي واڌاري هلندي مذهبي، اخلاقي، فيلسوفيءَ وارن ۽ قانوني خيالن ۾ بلاشڪ ڦيريون گهيريون ٿينديون رهيون آهن. پر انهن ڦيرين گهيرين هوندي به مذهب، اخلاق، فلسفو پنهنجي جاءِ تي قائم رهيا.

”تنهن کان سواءِ اهڙا به ازلي سچ آهن، جي سماج جي سمورين حالتن سان لاڳو آهن. جهڙوڪ آزادي، انصاف وغيره وغيره. پر ڪميونزم ازلي سچن کي ختم ڪري ٿي. ڪميونزم مذهب ۽ اخلاق کي نئين بنياد تي قائم ڪرڻ بدران مورڳو مذهب ۽ اخلاق کي ئي ختم ڪريو ڇڏي، تنهن ڪري اها اڳوڻي سموري تاريخي تجربي جي خلاف ورزي ۽ ڀڃڪڙي ڪري ٿي.“

انهيءَ الزام جو تت ڇا آهي؟ سموري اڳوڻي سماج جي تاريخ جو نچوڙ اهو آهي ته اڳي مڙني طبقاتي دشمنيون وڌيون آهن. انهن دشمنين مختلف دورن ۾ مختلف روپ ورتا آهن.

Gul Hayat Institute

سرڪار جي هٿ ۾ ڪنا ڪندو. اها سرڪار هوندي، حاڪم طبقي طور منظم ٿيل پورهيت طبقو. آهو پيداوار ڪندڙ قوتن کي جيتري قدر جلد ٿي سگهندو، اوترو جلد وڌائيندو.

ظاهر آهي ته اها ڳالهه فقط تڏهن ٿي سگهندي جڏهن شروعات ۾ ملڪيت جي حقن ۽ سرمائيدار پيداوار جي حالتن ۾ ڊڪٽيٽري نموني دست اندازي ڪئي ويندي ۽ اهڙا قدم کنيا ويندا جي ڏسڻ ۾ اقتصادي طرح اڻ پورا ۽ ڪمزور نظر ايندا پر آهي وڌندي وڌندي خود پاڻ کان اڳتي نڪري ويندا. اڻ ڪري پراڻي سماجي سرشتي ۾ اڃا به وڌيڪ دستاندازيون ڪرڻ لازمي ۽ اٽر ٿي پوندو. ڇو ته انهن دست اندازين کان سواء پيداوار جي سرشتي ۾ پورو پورو انقلاب آڻي نه سگهبو.

اهڙا قدم ڌار ڌار ملڪن ۾ ڌار ڌار نمونن جا هوندا. پر تڏهن به سڀ کان اڳتي وڌيل ملڪن ۾ هيٺيان قدم گهڻي ڀاڱي عام طرح موزون ٿيندا. (۱) زمين ۾ ذاتي ملڪيت ختم ڪرڻ ۽ زمين جي مسواڙ (ٻٽئي) جيتري رقم عام فائدي جي ڪمن لاء ڪتب آڻڻ. (۲) آمدنيء جي ڳري ڏاڪي وارا ٽيڪس يا وڌندڙ انڪم- ٽيڪس (جيئن آمدني وڌيڪ تيئن انڪم ٽيڪس جو في سيڪڙو وڌيڪ- ترجمون ڪندڙ) (۳) ورثي جو سمورو حق ختم ڪرڻ. (۴) سڀني ملڪ ڇڏي ڀڄي

Gul Hayat Institute

ويندڙن ۽ باغين جي ملڪيت ضبط ڪرڻ. (د) قرض ڏيڻ جو سمورو بندوبست سرڪاري هٿ ۾ ڪئو ڪرڻ. ان لاءِ سرڪاري سرمايي ۽ اڪيلي هڪ هنيءَ هيٺ قومي بئنڪ قائم ڪرڻ. (٦) پيغام پهچائڻ ۽ آمدرفت جا سمورا وسيلا سرڪار جي هٿ ۾ ڪنا ڪرڻ. (٧) سرڪاري ڪارخانن ۽ پيداوار جي وسيلن کي وڌائڻ. (٨) پورهيو ڪرڻ سڀني لاءِ لازمي ٺهرائڻ. صنعتي فوجون قائم ڪرڻ، خاص ڪري پوک لاءِ. (٩) پوک کي ڪارخاني سان ملائڻ، ملڪ جي ماڻهن کي حصي رسيءَ مان وڌيڪ هڪ جهڙي نموني سڄي ملڪ ۾ آباد ڪرڻ ۽ اهڙيءَ ريت شهر ۽ ٻهراڙيءَ جو فرق آهستي آهستي ختم ڪرڻ. (١٠) سڀني ٻارن لاءِ پبلڪ اسڪولن ۾ مفت تعليم جو بندوبست ڪرڻ. ٻار هن وقت جهڙي نموني ڪارخانن ۾ ڪم ڪن ٿا، انهيءَ سرشتي کي ختم ڪرڻ. تعليم کي ڪارخانن ۾ پيداوار جي ڪمن سان ملائڻ.

Gul Hayat Institute

جڏهن سماج جي اڳتي وڌندي وڌندي طبقاتي فرق گم ٿي ويندا ۽ سموري پيداوار سڄي قوم جي وسيع تنظيم جي هٿ ۾ اچي ويندي، تڏهن عام اقتدار پنهنجي سياسي خاصيت کان محروم ٿي ويندو. جنهن اقتدار کي صحيح معنيٰ ۾ سياسي اقتدار سڏيو وڃي ٿو سو حقيقت ۾ فقط هڪڙي طبقي طرفان ٻئي طبقي کي دٻائڻ لاءِ منظم ڪيل اقتدار هوندو آهي. جيڪڏهن

سرمائيدار طبقي سان زور آزمائي ڪندي، پورهيت طبقو حالتن کان مجبور ٿي، پاڻ کي هڪڙي طبقي جي حيثيت ۾ منظم ٿو ڪري ۽ انقلاب جي وسيلي پاڻ کي حاڪم بڻائي ٿو ۽ حاڪم طبقي جي حيثيت ۾ پيداوار جون پراڻيون حالتون زبردستي ٻاهر اڇلائي ٿو ته انهن حالتن سان گڏ اهي حالتون به ٻاهر جي وينديون جيڪي طبقاتي دشمني قائم رهڻ لاءِ لازمي هيون. اهڙيءَ ريت پورهيت طبقو خود پنهنجي ان برتريءَ ۽ فوقيت کي به ختم ڪري ڇڏيندو. سماج ۾ طبقاتي دشمنين واري پراڻي سرمائيداري پنهنجي جاءِ تي هڪڙي اهڙي ڀائيچاري ٿي پوندي، جنهن ۾ سڀني فقط تڏهن آزاديءَ سان وڌي ويجهي سگهندا جڏهن منجهائن هر ڪو آزاديءَ سان وڌي سگهندو.

Gul Hayat Institute

# سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ ادب

## ا- رجعت پرست يا مردار سوشلزم

### الف:- وڏيرڪي جاگيرداري سوشلزم.

فرانس ۽ انگلينڊ جي وڏيرن، جاگيردارن ۽ نوابن جي تاريخي پوزيشن اهڙي ٿي پئي آهي، جو اڄوڪي سرمائيدار سماج خلاف چوپڙيون لکڻ سندن ڏنڌو ٿي پيو آهي. جولاء ۱۸۳۰ واري فرينچ انقلاب ۽ انگلينڊ ۾ سڌاري جي هلچل ۾ اهي وڏيرا، رئيس ۽ نواب نفرت جهڙي ڪالهوڪي ٻار يعني سرمائيدار کان مات کائي ويا. ان کان پوءِ کين سنجيدي سياسي مقابلي جو ته سوال ئي پيدا نٿي ٿيو. فقط علمي ۽ ادبي لڙائيءَ جو امڪان رهجي ويو هو. پر ادب جي ميدان ۾ به جاگيرداري راڄ وري قائم ڪرڻ لاءِ پراڻيون رڙيون ۽ رانياڙ ڪرڻ ناممڪن هو.

ماڻهن جون همدرديون حاصل ڪرڻ لاءِ وڏيرن، رئيسن ۽ نوابن کي مجبورا پنهنجن فائدن کي نظرانداز ڪري سرمائيدارن خلاف پنهنجون تهمتون فقط ڦريل لٽيل پورهيت طبقي پاران تيار ڪرڻيون پيون. اهڙي ريت وڏيرڪي طبقي پنهنجي نئين آقا يعني سرمائيدار تان ڇڙوڻ ڪري

Gul Hayat Institute

وسري ٿي وجي ته هو بلڪل الڳ ۽ مدي خارج حالتن ۽ ماحول ۾ ماڻهن کي ڦريندا هئا، جنهن مهل هو اها ڳالهه ٿا ٻڌائين ته اسان جي راڄ ۾ هاڻوڪو پورهيت طبقو هوئي ڪونه، تنهن مهل ڪاٿان اِها ڳالهه وسريو وڃي ته هاڻوڪو سرمائيدار طبقو سندن پنهنجي سماجي صورت جي لازمي پيدائش آهي.

هوئن هو پنهنجي تنقيد جي رجعت پرست ۽ مردار خاصيت لڪائڻ جي تمام گهڻ ڪوشش ڪن ٿا. ايتريقدر جو سرمائيدار طبقي تي سندن مکيه تهمت آهي ئي اها ته سرمائيدار راڄ ۾ هڪڙو اهڙو طبقو پيو وڌي ويجهي، جيڪو سماج جي پراڻي چرخي کي پڇي تڪر ڪري ڇڏيندو.

هو سرمائيدار طبقي کي رڳو انهيءَ لاءِ ڇڻ ڪونه ٿا ڪن ته "تو پورهيت طبقو ڇو پيدا ڪيو آهي." پر مٿس انهيءَ ڪري ڏمرجن ٿا ته "تون انقلابي پورهيت طبقو ڇو تو پيدا ڪرين."

Gul Hayat Institute

تنهنڪري عملي سياست ۾ پورهيت طبقي جي خلاف جيڪي به ڏاڍايون ۽ زورآوريون تين ٿيون، تن ۾ هو شريڪ تين ٿا، روزمره جي حياتيءَ ۾ هو هڪڙي پاسي وڏي معتبري ۽ شرافت جون ڳالهيون ڪن ٿا ته ٻئي پاسي سرمائيدار صنعت جي صوفن جي باغ مان جيڪي سونا صوف پٽ تي ڪرن ٿا، تن مان ميڙيو ڪٺيو جهولي پرين. هو سچ، پيار ۽ عزت جو

سودو ڪريو، بيٺ مان پيدا ٿيل ڪنڊ ۽ ٻنهي جي شراب وڪڻڻ جون پرمٽون ۽ ليسن وٺن ٿا.

جيئن ملان هميشه وڏيري سان هٿ هٺ ۾ ڏيئي هليو آهي، تيئن ملان واري سوشلزم ۽ وڏيرڪي سوشلزم به هميشه پاڻ ۾ سنگتي ۽ ساهيڙيون رهيون آهن.

عيسائي ملان دنيا کي ترڪ ڪرڻ جو جيڪو فلسفو ٻڌائيندا آهن، تنهن کي سوشلسٽ رنگ ڏيڻ تمام سولو آهي. عيسائيت هميشه ذاتي ملڪيت، شادي ۽ سرڪار خلاف خطبا ڪانه پڙهندي رهي آهي؟ انهن جي جاءِ تي خيرات، غريبي، سڄي عمر ڪنواري رهڻ، بدن کي ايذاءُ ڏيڻ، مڙهين ۾ عمر گذارڻ ۽ ديول ماتا بابت واعظ ڪانه ڪندي رهي آهي؟ عيسائي سوشلزم اهو پاڪ پاڻي آهي جنهن سان پادري وڏيري، رئيس ۽ نواب طبقي جي اندر جي باهه کي ٺنڊا ٺندو آهي، ۽ انهن کي پاڪ ۽ پوتر بنائيندو آهي.

Gul Hayat Institute

## ب: ڇوٽي وچين طبقي جي سوشلزم!

سرمائيدار يا وچين طبقي رڳو وڏيري ۽ جاگيردار طبقي کي تباهه ڪونه ڪيو آهي. رڳو اُن طبقي جي وجود جون حالتون هاڻوڪي سرمائيدار سماج جي ماحول ۾ گهري گهري فنا ڪونه ٿيون آهن. وچين زماني جا شهري ماڻهو ۽ ننڍا آبادگار اڄوڪي سرمائيدار طبقي جا پيشرو هئا. جيڪي ملڪ صنعتي ۽ واپاري طرح گهڻو نه وڌيا

آهن، انهن ۾ اهي ٻيئي طبقا وڏندڙ سرمائيدار طبقي جي پرسان پيا تڳن ۽ مٿو جيترو ساهہ پيا ڪڍن.

جن ملڪن ۾ هاڻوڪي تهذيب پوريءَ طرح وڌي ويجهي چڪي آهي، تن ۾ هڪڙو نئون طبقو يعني ننڍو وچون طبقو نهي پيو آهي. اهو طبقو پورهيت ۽ سرمائيدار طبقن جي وچ ۾ پيو گهمي وڃي. اهو هر پيري سرمائيدار جو واڌو حصو بڻجيو آيري ٿو پر چٽا پيٽيءَ سبب هن طبقي جا فرد سدائين اڇلجيو اچيو پورهيت طبقي ۾ ڦهڪو ڪن. جيئن جيئن هاڻوڪا ڪارخانا پيا وڌن، تيئن تيئن کين اها گهڙي ويجهي نظر ايندي وڃي، جڏهن هو اڄوڪي سماج ۾ هڪڙي خود مختيار حصي جي حيثيت ۾ ختم ٿي ويندا ۽ ڪارخانن، پوک ۽ واپار ۾ سندن جاءِ جماندار (جمعدار)، بيلف ۽ دڪاندار وٺندا.

اهي ملڪ جن ۾ فرانس وانگر هاري ۽ آبادگار اڌ کان گهڻا آهن، تن ۾ اها ڳالهہ قدرتي هئي تہ آتي جا اهي اديب ۽ عالم جيڪي سرمائيدار طبقي خلاف پورهيت طبقي جا طرفدار هئا، سي سرمائيدار راڄ تي تنقيد، آبادگار ۽ ننڍي وچين طبقي جي معيار پٽاندر ڪن، ۽ انهن وچٿرن طبقن جي نقطي نظرن کان پورهيت طبقي پاران لٺ کڻن. اهڙيءَ ريت ننڍي وچين طبقي جي سوشلزم پيدا ٿي. انگلينڊ توڙي فرانس ۾ انهي مدرسي جو وڏو استاد سيسمانڊي هو.

جو هي نمونو اُنهن ئي حالتن ۾ پوئتي ڏ ڪيندڙ ۽ هوائي آهي. ان جو ڇيه وجي هنن اکرن تي ٿئي ٿو: ڪارخانن لاءِ ڳنڍيل جماعتون ۽ پوک لاءِ قبائلي لاڳاپا.

آخر جڏهن تاريخ جي ضدي حقيقتن پاڻ کي نگڻ جو سمورو نشو ختم ڪري ڇڏيو، تڏهن هن نموني جي سوشلزم ڏکڻ ۾ پنهجي پوري تي ويئي.

## ت:- جرمن سوشلزم يا "سچي" سوشلزم.

فرانس جو سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ علم ۽ ادب اقتدار ۾ آيل سرمائيدار طبقي جي دٻاءُ هيٺ پيدا ٿيو. اهو ان اقتدار خلاف جدوجهد جو آواز هو. اهو جرمنيءَ ۾ اُن وقت رائج ٿيو، جڏهن جرمنيءَ جي سرمائيدار طبقي وڏيرڪي ۽ جاگيرداري آپيشاهيءَ سان مقابلو اڃان هاڻ مس شروع ڪيو هو.

جرمن نام نهاد فيلسوفن ۽ اعلى ذهن اُمالڪ ڪٺي ان ادب کي هٿ وڌو. البت هنن اهو وساري ڇڏيو ته اهي لکڻيون جڏهن فرانس مان هجرت ڪري جرمنيءَ ۾ آيون، تڏهن فرينچ سماجي حالتون به انهن لکڻين سان گڏ ڪونه آيون هيون. فرينچ علم ۽ ادب جڏهن جرمن سماج جي حالتن سان اچي مليو، تڏهن اهو پنهنجي فوري عملي اهميت وڃائي ويٺو ۽ فقط خالص علمي ادبي روپ ڪٺي ورتائين. تنهنڪري ١٨ صديءَ

جي جرمن فيلسوفن پهرين فرينچ انقلاب جي مطالبن کي فقط عام ”عملي عقل“ جا مطالبا ڪري ليکيو. انقلابي فرينچ سرمائيدار طبقي پنهنجي ارادي ظاهر ڪرڻ لاءِ جيڪي گفتا ڪيا، تن کي هنن خالص ”ارادي“ — ”عام سچي انساني ارادي“ جا قانون ڪري ليکيو.

جرمن عالمن فقط اهو ڪم ڪيو جو نون فرينچ خيالن کي پنهنجي قديم فيلسوف ضمير سان ڪٺي نهڪايائون. يا ائين چئجي ته هنن پنهنجي فلسوفيءَ جي نقطي نظر کي ترڪ ڪرڻ کان سواءِ فرينچ خيالن کي پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏيو.

اهو قبضو اهڙي ريت ڪيائون، جيئن ڪنهن ڌارين ٻوليءَ کي قبضي ۾ آڻبو آهي يعني: ترجمي وسيلي.

سڀني کي خبر آهي ته قديم [illegible] جي اعليٰ علم ۽ ادب جي مسودن جي مٿان عيسائي پادرين ڪيٿلڪ فرقي جي ولين ۽ پيرن جي حياتين جا بيوقوفيءَ وارا احوال لکي ڇڏيا. جرمن عالمن ۽ اديبن ”ناپاڪ“ فرينچ ادب سان وري اُنٽي ڪار ڪئي. هنن اصل فرينچ مسودن هيٺان پنهنجي فيلسوفيءَ جي بڪواس لکي ڇڏي. مثال طور: فرينچن ناڻي جي اقتصادي ڪمن تي جيڪا تنقيد ڪئي هئي، تنهن جي هيٺان هنن لکي ڇڏيو ”انسانيت جو پري پڄڻ“ ۽ فرينچن جيڪا سرمائيدار سرڪار تي تنقيد ڪئي هئي، تنهن جي هيٺان

Gul Hayat Institute

اڪيائون ”عام تصور جو تخت تان لهڻ“ وغيره وغيره فرينچن جي تاريخي تنقيدن جي پويان جيڪي فيلسوفيءَ جا فقرا هئا، تن ٽِجي مهاڳ ڪي هنن ”عمل جو فلسفو“. ”سچي سوشلزم“ - ”سوشلزم جي جرمن سائنس“. ”سوشلزم جي فيلسوفيءَ جا بنياد“ وغيره ڪري ڪو نيو.

اهڙي ريت فرينچ سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ علم ۽ ادب کي پوريءَ طرح خصي ڪيو ويو. اهو علم ۽ ادب جرمن عالم جي هٿ ۾ اچڻ ڪان پوءِ هڪڙي طبقي طرفان ٻئي طبقي خلاف جدوجهد جو اظهار ڪرڻ کان بس ٿي ويو. تنهنڪري جرمن عالم پنهنجي پَر ۾ خوش ٿي ويو ته مون فرينچن جي تنگ نظريءَ ۽ ڳالهه جي فقط هڪڙي پاسي کي ڏسڻ جي خامي دور ڪري ڇڏي آهي. هاڻي اهو علم ۽ ادب حقيقي گهرجن ۽ مطالبن بدران ”سچ“ جا مطالبا ۽ گهرجون پوريون ڪري ٿو. پورهيت طبقي جا مفاد نه پر انساني فطرت ۽ عام انسان جا مفاد پيش ڪري ٿو. جرمن عالم جي نظر ۾ اهو عام انسان ڪنهن به طبقي جو ڪونهي. سندس ڪوبه حقيقي وجود ڪونهي. هو فقط فيلسوفيءَ جي خوابن ۽ خيالن جي دنيا ۾ رهي ٿو، جتي چوڌرف رکو ڌنڌ ۽ ڪوهيڙو آهي.

انهي جرمن سوشلزم پنهنجي اسڪولي شاگردن واري ٻاراڻي ڪم کي ڏاڍي سنجيدگيءَ ۽ اهميت وارو

آهي حقيقتون وساري ڇڏيون.

آمپشاهي حڪومتون جنهن جي پٺيان پادرين، پروفيسرن، ڀاڙي جي وڏيرن ۽ ڪامورن جون لوڏيون هيون، تن لاءِ جرمن سوشلزم ڄڻ ته غيبي امداد هئي. ڪيئن جيڪو سرمائيدار طبقو ڏڙڪا داب ڏيئي رهيو هو، تنهن جي خلاف جرمن سوشلزم کين ڪانگ نڙي وارو ڪم ڏنو.

آن زماني ۾ اهي سرڪاريون پيرهيت طبقي جي بغاوتن کي ڦٽڪن ۽ بندوق جي گولين جي ڪڙين گورين جا ٻوز ڏيئي رهيون هيون. انهن ڪڙن ٻوزن مٿان جرمن سوشلزم کين مانيءَ مٿان مٺاڻ ڪارائڻ جو ڪم ڏنو. انهيءَ 'سچي' سوشلزم اهڙي ريت انهن سرڪارين کي جرمن سرمائيدار طبقي سان وڙهڻ لاءِ هٿيار جو ڪم ڏنو. ساڳئي وقت انهيءَ هڪڙي مردار ۽ رجعت پرست مفاد جي وڪالت ۽ بچاءُ پڻ ڪيو. اهو مردار مفاد هو، جرمن ڇوٽي وچين طبقي جي منافق ۽ زماني ساز ڀهروپين جو مفاد. جرمنيءَ ۾ ڇوٽو وچيون طبقو موجوده صورتحال جو سچو پچو سماجي بنياد ۽ پيڙهه آهي. اهو طبقو سورهين ۽ صديءَ جو يادگار آهي ۽ ڌت ڦون روپ ۾ هر هر نئين، سر پيو آپري.

انهيءَ طبقي کي بچائڻ ۽ سلامت رکڻ معنيٰ جرمنيءَ جي موجوده سماجي حالتن کي بچائڻ ۽ سلامت رکڻ. سرمائيدار طبقي جي صنعتي ۽ سياسي

Gul Hayat Institute

ٻرڙي انهي طبقي لاءِ ٻن طرفن کان يقيني تباهيءَ
جيا خطرو ڪڙو ڪري ٿي. هڪڙو سرمايي جي ڪٺي
ٿيڻ مان، ٻيو انقلابي پورهيت طبقي جي اڀرڻ مان.
”سچي“ سوشلزم، جنهن هڪ ڌڪ سان اهي ٻه شڪار
هڻيا (يعني ساڳئي وقت سرمائيدار توڙي پورهيت
رجي واڌ جي مخالفت ڪيائين. مترجم). اها وبا
وانگر پکڙجي ويئي. جرمن سوشلسٽن جا هڏايل ابدي ۽
لازوال ”سچ“ جن رکيو سگهن هڏن تي چڙهيل چم هئا.
مٿن ڪوڙ رت ست، ماس ۽ ساهه ڪونه هو. انهن
جي انهيءَ بيجڙيءَ حالت کي لڪائڻ لاءِ، ۽ عام ماڻهن
کي انهن جي خريداريءَ لاءِ آتو بنائڻ واسطي هنن
هڏن جي مٿ کي ڪٽي ڪائناتي شالون، غلاف ۽
شالون اوڍايون. اهي شالون، غلاف ۽ قبائون قياس آرائين
۽ ڪوريئڙن جي ڄارن مان اڻيل هيون. مٿن فصاحت،
بلاغت ۽ لفاظيءَ جو پرت پيل هو. اهي مريض
رت جي ڦڙيءَ ماڪ ۾ ٻوڙيل هيون. ان ڪري
جوڙدي مال جو انهيءَ قسم جي پبلڪ ۾ جام
وڪرو ٿيڻ لڳو.

جرمن سوشلزم به ويئي ڏينهون ڏينهن ان ڳالهه
کي ڀڪاڀڪ محسوس ڪندي ته سندس اصل ڀيوتي
وچين طبقي جي منافق ۽ زماني ساز ٻهروپين جي
لفاظيءَ واري وڪالت ڪرڻ آهي.

هنن اعلان ڪيو تہ جرمن قوم مثالي قوم آهي ۽ چوڙي طبقي جو منافق، زماني ساز ڀهروپيو مثالي انسان آهي. انهيءَ مثالي ماڻهوءَ جي هر ڪنهن بدمعاشيءَ واڙيءَ ذلالت کي هنن پُراسرار، ڳجهي، اعليٰ سوشلسٽ معنيٰ ۽ مطلب جو ويس پهرايو ۽ سندس اصل ڪردار کي بنهہ ابتڙ رنگ ڏنو. اها اُبتري تائين وڌي ويئي، جو فرمائڻ لڳي تہ ڪميونزم ۾ وحشي ۽ تباهہ ڪندڙ لاڙا آهن. هن اعلان ڪيو تہ اسان کي سوڙين طبقاتي جدوجهدن لاءِ اعليٰ قسم جي ۽ غير جانبدار ذڪار آهي. اڄ (سال ١٨٤٧ ۾) جيڪي نام نهاد سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ ڪتاب ۽ رسالا وغيره جرمنيءَ ۾ پيا هلن، تن مان ڪن ٿورن ڪان سواءِ پيا سڀئي انهيءَ گندي ۽ سنڌ-سڪائيندڙ ادب منجهان آهن.

## ٢- مردار يا سرمائيدار سوشلزم.

سرمائيدار طبقي جو هڪڙو حصو، سرمائيدار سماج کي سلامت ۽ محفوظ رکڻ لاءِ سماجي شڪايتن کي گهٽائڻ گهري ٿو. انهيءَ حصي ۾ اقتصادي ماهر، خير جا ڪم ڪندڙ، انسانيت جا گهٽڪهرا، پورهيت طبقي جي حالت بهتر بنائيندڙ، خير جي ڪمن جو انتظام ڪندڙ، جانورن ستائڻ خلاف انجمنن جا ميمبر، شراب خوريءَ جا ڪٽر مخالف، پرائي سماجي عمارت

جا ٽنگ ٽيندا بند ڪندڙ هر قسم جا سڌارڪ اچي وڃن ٿا. وڏي ڳالهه ته هن نموني جي سوشلزم کي ناهي جوڙي هڪ مڪمل سرشتو بنايو ويو آهي.

انهيءَ لاءِ اسين پرائوڌن جي "غريبي جي فلسفي" جو مثال ڏيئي سگهون ٿا.

سوشلسٽ رنگ جا سرمائيدار چاهين ٿا ته اجوڪين سماجي حالتن مان جيڪي ڪين فائدا ٿين ٿا سي سلامت هجن. پر انهن مان جيڪي ڏکر ۽ خطرا پيدا ٿين ٿا، سي نه هجن. ڪين سماج جي موجوده حالت کپي. پر ان جا انقلابي ۽ ڀڃي ڀور ڪندڙ جزا نه گهرجن. ڪين پورهيت طبقي کان سواءِ سرمائيدار طبقو گهرجي. سرمائيدار طبقو قدرتي طرح اُن دنيا کي افضل سمجهي ٿو، جنهن دنيا ۾ سندس ڏاڪو آهي. سرمائيدار سوشلزم انهيءَ آرام ڏيندڙ تصور کي وڌائي ويجهائي وڏ گهڻ مڪمل سرشتن جو روپ ڏئي ٿي. اها پورهيت طبقي کي چوي ٿي ته "اسان جي سرشتي تي عمل ڪري سڌا وڃي سماجي بهشت ۾ نڪاءُ ڪريو." سندن اصل مطلب اهو آهي ته پورهيت طبقو موجوده سماج جي حدن اندر ئي رهيو پيو هجي. باقي سرمائيدار طبقي بابت ڏڪار جا خيال دل مان ڪڍي ڇڏي.

هن وٽ سوشلزم جو هڪڙو پيو وڌيڪ عملي، پر گهٽ منظم روپ به آهي. ان قسم جي سوشلزم جو مطلب هي آهي ته پورهيت طبقي جي نظر ۾ انقلابي تحريڪن

## ٣ـ تنقيدي ـ خيالي سوشلزم ۽ ڪميونزم.

هن دور جي هر ڪنهن وڏي انقلاب هڪڙو اهڙو ادب به پيدا ڪيو آهي، جنهن ۾ پورهيت طبقي جون گهرون پيش ڪيل هونديون آهن. مثال طور: بابيوف ۽ ٻين جون لکيتون. هتي اسين ان قسم جي ادب جي ڳالهه نٿا ڪريون.

جڏهن وڏيرڪي ۽ جاگيرداري سماج جو تختو اونڌو ڪيو ٿي ويو، تڏهن ان عام جوش خروش واري زماني ۾ پورهيت طبقي پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ پهريون سڌيون ڪوششون ڪيون. آهي ناڪام ٿيون. جو ته پورهيت طبقو اڃا پوئتي پيل حالت ۾ هو ۽ سندس ڇوٽڪاري لاءِ گهربل اقتصادي حالتون اڃان گُم هيون. اِهي حالتون ان کان پوءِ ترت اچڻ واري سرمائيدار دور کي پيدا ڪرڻيون هيون ۽ فقط اهو ايندڙ دور ئي انهن حالتن کي پيدا ڪري سگهيو ٿي. پورهيت طبقي جي انهن پهرين تحريڪن سان گڏ جيڪو انقلابي ادب پيدا ٿيو، اهو لازمي طرح رجعت پرست نموني جو هو. اُن تمام آڏي ڦڏي نموني دنيا ترڪ ڪرڻ ۽ سيني کي هڪ جهڙو ڪرڻ جي عام سکيا ڏني.

جن سرشتن کي واجبي طرح سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ سرشتا ڪوني سگهجي ٿو، سي اُن زماني ۾ پيدا ٿيا

Gul Hayat Institute

هئا. پورهيت طبقي ۽ سرمائيدار طبقي جي وچ ٽڪر اِچان شروعاتي ۽ پوئتي پيل حالت ۾ هو. آن حالت جو متي ذڪر ڪيل آهي. اِهي سرشتا سينٽ سائمن، فوريئير، اوون ۽ ٻين جا تيار ڪيل هئا.*

انهن سرشتن جا باني سماج جي چالو صورت ۾ جيڪي سماجي ٽڪر آهن ۽ منجهس جيڪي سڙندڙ جزا آهي، تن کي ڏسيو سگهن ٿا. پر پورهيت طبقو جو اڃان ٻالپڻ جي حالت ۾ آهي سو کين اهڙي حالت ۾ نظر اچي ٿو، جنهن حالت ۾ اهو پنهنجي دليان ڪابه تاريخي وک اڳتي وڌائي نٿو سگهي ۽ پنهنجي سر ۽ پنهنجي ليکي ڪابه خود مختيار سياسي تحريڪ هلائي نٿو سگهي.

طبقاتي ٽڪر به اوتروئي وڌندا آهن، جيترو صنعت ۽ ڪارخانا وڌندا آهن. هو جيڪا اقتصادي صورتحال ڏسن ٿا، تنهن ۾ کين اهي مادي حالتون ڏسڻ ۾ نٿيون اچن. جي پورهيت طبقي جي ڇوٽڪاري لاءِ گهربل آهن. تنهنڪري هو هڪڙي اهڙي نئين سماجي سائنس ۽ اهڙن نون سماجي قانونن جي ڳولا ڪرڻ لڳن ٿا، جيڪي انهن حالتن کي پيدا ڪن.

هنن ڀانيو ته تاريخي عمل بدران سندن ذاتي ايجادن جو عمل اهي حالتون ناهيندو. ڇوٽڪاري جون حالتون تاريخي

---

* ڏسو پاڳو پهريون "سرمائيدار ۽ پورهيت"

Gul Hayat Institute

طرح پيدا ٿين، تنهن جي جاءِ تي سندن خيالي طرح رٿيل حالتون ڪم ڏين. پورهيت طبقو آهستي پاڻمرادو طبقاتي طرح منظم ٿئي، تنهن جي بدران، سماج انهن ايجاد ڪندڙن جي خاص طرح ناهيل نسخي موجب منظم ٿئي. انهن جو خيال هو، تہ آئيندي جو تاريخي ڪم اهو آهي تہ سندن سماجي رٿائن جي تبليغ ڪئي وڃي ۽ انهن کي عمل ۾ آندو وڃي.

هو جيڪي رٿئون ناهين ٿا، تن ۾ هو مکيہ خيال پورهيت طبقي جي ڀلي جو رکن ٿا. ڇو تہ هو انهيءَ طبقي کي سڀ کان وڌيڪ ڏکويل طبقو سمجهن ٿا. حقيقت ۾ سندن نظر ۾ پورهيت طبقي جي وجود جي اهميت آهي ئي رڳي اها تہ اهو سڀ کان ڏکويل طبقو آهي.

اڻ وقت طبقاتي جدوجهد جي حالت توڙي سندن پنهنجي ماحول جي حالت پوئتي پيل ۽ اڻ وڌيل هوندي آهي. ان ڪري انهي قسم جا سوشلسٽ پاڻ کي سمورين طبقاتي دشمنين کان ٻاهر سمجهن ٿا. هو سماج جي هر فرد جي حالت بهتر بنائڻ چاهيندا آهن. ايتري قدر جو هو چاهيندا آهن تہ جيڪي فرد سماج ۾ سڀ کان وڌيڪ داد لا آهن، تن جي حالت بہ اڇا بہ سني ٿئي. تنهنڪري هو هميشه طبقاتي فرقن کي ڇڏي، سڄي سماج کي اپيلون ڪندا آهن. بلڪ حاڪم طبقي کي اپيل ڪرڻ ۾ وڌيڪ پسند

Gul Hayat Institute

جي ذاتي فائدن لاءِ هلائڻ جو رواج ختم ڪيو وڃي، مزوري تي پورهيو ڪرڻ جو سرشتو ختم ڪيو وڃي، سڄي سماج ۾ صلح سانت، قرب ۽ محبت پيدا ڪئي وڃي، سرڪار ڪان سندس هاٺوڪا ڪم ڇڏائي ڪيس فقط پيداوار مٿان نظرداري ڪرڻ جو ڪم ڏنو وڃي. انهن سيني رٿن جو اشارو انهي ڳالهه ڏانهن آهي ته طبقاتي دشمنيون ڪم ٿين. اهي طبقاتي دشمنيون ان وقت اڃا مس اپريل هيون. تنهنڪري انهن ڪتابن ۽ لکڻين ۾ ڪين سندن اوائلي، اڻ چٽي ۽ منجهيل صورت ۾ ڏنو ويو آهي. تنهنڪري اهي رٿون خالص خيالي قسم جون آهن.

تنقيدي خيالي سوشلزم ۽ ڪميونزم جو تاريخي واڌاري سان ابتڙو لاڳاپو آهي، جو منجهائن هڪڙي جيترو وڌي ٿي، ٻي جي اهميت اوترو گهٽجي ٿي. جيئن جيئن ۽ جيتري جيتري حد تائين هاڻوڪي طبقاتي جدوجهد وڌي ويجهي ٿي ۽ مقرر صورت وٺي ٿي، تيئن تيئن تنقيدي خيالي سوشلزم ۽ ڪميونزم طبقاتي تڪرن ڪان پاسو ڪرڻ ۽ ان تي ملامت ڪرڻ جي جيڪا ڳالهه ڪري ٿي، سا پنهنجي عملي اهميت ۽ نظرياتي جواز وڃائي ويهي ٿي. تنهنڪري جيتوڻيڪ انهن سرشتن جا باني ڪيترين ڳالهين ۾ انقلابي هئا ته به سندن پوئلڳن ۽ مريدن سدائين رکيو

مردار ۽ رجعت پرست ٽولا ٿاهيا. هو پورهيت طبقي جي ترقيءَ ڏانهن وينڌڙ تاريخي واڌاري جي مقابلي ۾ پنهنجي استادن جي اصلوڪن نظرين کي ڇهڻا پيا آهن. تنهنڪري هو لڳاتار اها ڪوشش ڪندا رهيا آهن ته طبقاتي جدوجهد مان ساهه پساهه ڪڍيو وڃي ۽ طبقاتي دشمني ختم ڪئي وڃي. هو اڃا تائين اهي خواب پيا لهن ته تجربا ڪري ڪري، ڪنهن ڏينهن وڃي سماجي خيالي جنت تائين پهچنداسين. جهڙوڪ: (چالر فوريئر جي رٿا موجب ٺاهيل سوشلسٽ بينڪ فيلينس تيئرس، (اوون جون مثالي ڪميونسٽ انجمنون) "گهرو بينڪون" (ڪابي جا خيالن ۾ بنايل ننڍڙا ڪميونسٽ بهشت) "ننڍڙا اڪاريا" وغيره. انهن خيالي محلن اڏڻ لاءِ هنن کي هميشه سرمائيدار طبقي جي همدردين کي جاڳائڻو پوي ٿو ۽ ڪائڻ خيراتون پنڻيون پون ٿيون. ٿان جو اهي آهستي آهستي وڃيو انهن مردار رجعت پرست سوشلسٽن جي لسٽ ۾ داخل ٿين جن جو ذڪر اسان مٿي ڪري چڪا آهيون. هنن ۽ هُنن ۾ فرق رڳو اهو هوندو آهي جو خيالي سوشلٽ مردار سوشلسٽن ڪان وڌيڪ منظم نموني عملي پلاءِ پڇائيندا آهن ۽ ڪين پنهنجي سماجي سائنس جي ڪرامتن تي انهن ڪان وڌيڪ چريائي ۽ وهم وارو ايمان هوندو آهي.

تنهنڪري پورهيت طبقي طرفان جيڪي به سياسي قدم کنيا ويندا آهن، تن جي هو مخالفت ڪندا آهن. ڇو ته هو سمجهندا آهن ته اهڙا قدم فقط اهو ساٿ ڪندو، جنهن ڪي سندن نون آسماني ڪتابن تي ايمان نه هوندو.

انگلينڊ ۾ اوون جا پوئلڳ ۽ فرانس ۾ فوريئر جا پوئلڳ چارٽسٽن ۽ ”ريفارمس“ اخبار جي پوئلڳن جي مخالفت ڪن ٿا.

## ٤- هاڻوڪين ڌار ڌار مخالف پارٽين بابت ڪميونسٽن جو نقطي نظر.

انگلينڊ جي چارٽسٽن ۽ آمريڪا ۾ زرعي سڌارڪن ۽ ٻين هاڻوڪين پورهيت طبقي جي جماعتن سان ڪميونسٽن جو ڪهڙو لاڳاپو آهي، تنهن ڳالهه کي ٻئي ڀاڱي ۾ صاف ڪيو ويو آهي.

ڪميونسٽ پورهيت طبقي جي فوري مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۽ ڪين ترت فائدن ڏيارڻ لاء لڙن ٿا. پر هر هلندڙ تحريڪ ۾ هو ان تحريڪ جي آئيندي ۽ مستقبل جي نمائندگي، وڪالت ۽ سنڀال ڪن ٿا. هو فرانس ۾ سوشلسٽ جمهوريت پسندن سان ساٿ ڏيئي رجعت پرستن ۽ آزاد خيال سرمائيدارن جي مخالفت ڪن ٿا، پر سوشلسٽ جمهوريت پسندن کي

Gul Hayat Institute

استعمال ڪري. جنهن مهل جرمنيءَ ۾ رجعت پرست طبقن جي راڄ جو تختو اونڌو ٿئي، تنهن مهل ڪان ئي خود سرمائيدار طبقي خلاف لڙائي شروع ٿي وڃي.

ڪميونسٽ خاص ڪري جرمنيءَ ڏانهن ڌيان ڏين ٿا. ڇو ته جرمني سرمائيدار انقلاب جي چائنٽ تي اچي پهتي آهي. جڏهن انگلينڊ ۾ سترهين صديءَ ۾ ۽ فرانس ۾ ارڙهين صدي ۾ انقلاب آيا، تڏهن انگلينڊ ۽ فرانس جا مزدور طبقا واڌاري جي هيٺائين ڏاڪي تي هئا. جڏهن جرمن سرمائيدار انقلاب ايندو، تنهن مهل يورپي تهذيب جون حالتون اڳتي وڌيل هونديون ۽ انگريز ۽ فرينچ مزدور طبقن جي سندن ملڪن ۾ سرمائيدار انقلابن اچڻ وقت جيڪا حالت هئي، تنهن کان جرمن مزور طبقو اڳتي وڌيل حالت ۾ هوندو. پيو ته جرمنيءَ ۾ جڏهن سرمائيدار انقلاب ايندو تڏهن اهو فقط شروعاتي قدم هوندو. ان کان فوراً پوءِ پورهيت انقلاب ايندو.

مطلب ڳالهه جو ته هاڻوڪي سماجي ۽ سياسي صورتحال خلاف جيڪا به انقلابي تحريڪ جتي به هلي ٿي، ڪميونسٽ ان جو سات ڏين ٿا.

هو انهن سڀني تحريڪن ۾ ملڪيت جي سوال کي مکيه سوال بنائي اڳيان آڻين ٿا. چاهي ان وقت اها تحريڪ ڪهڙي ڏاڪي تي ڇونه هجي.

آخري ڳالهه ته هو سڀني ملڪن جي جمهوري

ٻارين جي وچ ۾ اتحاد ۽ ناهم لاءِ پاڻ پتوڙين ٿا.

ڪميونسٽ پنهنجا خيال ۽ مقصد لڪائڻ پسند نٿا ڪن. هو کليو کلايو اعلان ٿا ڪن ته سندن مطلب فقط هاڻوڪين سماجي حالتن جو تختو زبردستيءَ اونڌو ڪرڻ سان ئي پورا ٿيندا. ڀلي ته حاڪم طبقا ڪميونسٽ انقلاب کان ڏڪن. پورهيتن جي هٿ ۾ فقط غلاميءَ جون زنجيرون آهن. جي هارايائون ته به نه رڳيون اهي زنجيرون هارائيندا. کٽڻ لاءِ سڄي دنيا اڳيان پيئي اٿن.

Gul Hayat Institute

# ڪميونسٽ پڌرنامو

Gul Hayat Institute

دنيا جي عظيم انقلابي نظرئي جو پهريون سبق، انقلابي تحريڪ جو سڀ کان پهريون قدم، اهو ننڍڙو ڪتاب جنهن انساني تاريخ ۾ پهريون دفعو انساني تاريخ جو راز کولي سمجهايو ۽ ان جو رخ هميشه هميشه لاءِ موڙي ڇڏيو. عظيم انقلابي اڳواڻن ڪارل مارڪس ۽ اينگلس جو جڳ مشهور لافاني ڪارنامو.